Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | چنڇر 10 ڊسمبر 2022ع بمطابق 15 جمادي الاول 1444هه | شمارو 57 | قيمت 10 روپيا

وفاقي گهرو وزير رانا ثناءُ الله جو عمران خان کي اسيمبليون ٽوڙڻ جو چيلينج

عمران خان شهباز شريف ۽ ان جي خاندان تي ڪوڙا الزام لڳايا انهن جي خلاف ڪوڙيون خبرون شايع ڪرائيندو رهيو پر ڊيلي ميل اهو مڃيو ته هنن ڪان غلطي ٿي آهي: رانا ثناءُ الله

ڊيلي ميل ڪان اهو ڪم ڪنهن ڪرايو، ڊيلي ميل جي نمائندي کي به پاڪستان گهرايو ويو ۽ ان کي جيلن ۾ ماڻهن سان ملايو ويو. اي اين ايف کي به ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪيو ويو

عمران خان پنهنجي مٿان لڳايل الزامن جو جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نه آهي، اڏيو ۾ چون ٿا مرشد فڪر نه ڪريو، جيئن چئو ٿا ائين ٿي ويندو، اوهان صرف گهڙي ناهي وڪرو ڪئي پر سمورو توشه خان وڪرو ڪري ڇڏيو

ٺيڪيدارن کي گهرن تي گهرائي پئسا ورتا ويندا هئا، هنن جي گهرن ۾ نوٽ ڳڻڻ جي مشين به موجود هئي، عمران خان وزيراعظم بڻجي ملڪ کي وڏو نقصان ڏنو هاڻ ڪيس ان جو ازالو ڪرڻ گهرجي

پنجاب ۾ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، عمران خان کي چئلينج ڪريان ٿو ته اگر مگر ڇڏي اسيمبليون ٽوڙي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبليون ٽٽيون ته 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿينديون ۽ ڪيس لڪڻ لاءِ به جاءِ نه ملندي

پرويز الاهي کي اڳ به وڏو وزير بنائڻ جون ڳالهيون ٿيون هيون جيڪڏهن هو وڏ وزارت ڇڏي اسان وٽ اچي ٿو ۽ ڪنهن بئي اڳيرائي تي تيار ٿئي ٿو ته ان باري ۾ سوچي سگهجي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي ته عمران خان کي چئلينج ڪريان ٿو ته هو اسيمبليون ٽوڙي ڏيکاري، ايندڙ چونڊن کي ڇڏي هن چونڊن ۾ ٿي فيصلو ٿي ويندو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو ته عمران خان شهباز شريف ۽ ان جي خاندان تي ڪوڙا الزام لڳايا انهن جي خلاف ڪوڙيون خبرون شايع ڪرائيندو رهيو پر ڊيلي ميل اهو مڃيو ته هنن ڪان غلطي ٿي آهي. گهرو وزير چيو ته ڊيلي ميل ڪان اهو ڪم ڪنهن ڪرايو، ڊيلي ميل جي نمائندي کي به پاڪستان گهرايو ويو ۽ ان کي جيلن ۾ ماڻهن سان ملايو ويو. اي اين ايف کي به ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪيو ويو جنهن ڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

صدارتي ريفرنس تي فيصلو، سپريم ڪورٽ ريڪوڊڪ معاهدو قانوني قرار ڏئي ڇڏيو

ملڪي آئين، قومي اثاثن جي قانون خلاف معاهدي جي اجازت نٿو ڏئي، صوبائي حڪومتون معدنيات جي حوالي سان قانون ۾ تبديلي ۽ ترميم ڪري سگهن ٿيون

بلوچستان اسيمبلي کي به معاهدي تي اعتماد ۾ ورتو ويو هو جڏهن ته چونڊيل عوامي نمائندن به معاهدي تي ڪو به اعتراض نه ڪيو، معاهدي ۾ ڪا به غيرقانوني شق نه آهي

بيرڪ گولڊ يقين ڏياريو آهي ته ليبر قانون تي عمل ڪيو ويندو، بيرڪ گولڊ ڪارپوريٽ سوشل ذميواري نڀائڻ جو به يقين ڏياريو آهي

پرڏيهي انويسٽمينٽ بل صرف بيرڪ گولڊ جي لاءِ نه آهي، انويسٽمينٽ بل براس ڪمپني جي لاءِ به آهي جيڪو 500 ملين ڊالر ڪان وڌيڪ جي سرمائيڪاري ڪندو

جسٽس يحيٰ آفريدي قرار ڏنو آهي ته ريفرنس جو پهريون سوال پاليسي معاملو آهي، جسٽس يحيٰ آفريدي سوال بابت نوٽ به لکندو: سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني بينچ جي ڏنل راءِ

ريڪوڊڪ معاهدو سپريم ڪورٽ جي 2013 جي فيصلي خلاف نه آهي، ماهرن جي راءِ ڪان پوءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن معاهدو ڪيو: فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ريڪوڊڪ معاهدي کي قانوني قرار ڏيندي پنهنجي راءِ ڏني. محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيس چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ عدالت سڳوري جي 5 رڪني بينچ ريڪوڊڪ ڪيس جو 13 صفحن تي ٻڌل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو جنهن ۾ لکيو ويو آهي ته ريڪوڊڪ صدارتي ريفرنس ۾ 2 سوال پڇيا ويا هئا. فيصلي ۾ قرار ڏنو ويو ته ريڪوڊڪ معاهدو سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان چين جو سفير ملاقات ڪندي

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ في ليٽر 30 روپين تائين لاٿ جو امڪان

پيٽرول جي خريداري 76 ڪان 77 ڊالر في بيرل ڪئي پئي وڃي، پيٽرول تي ليوي چارجز هن وقت 50 روپيه في ليٽر وصول ڪئي پئي وڃي

سمورن پيٽروليم شين تي سيلز ٽيڪس اڃان تائين ٻڙي آهي، ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمت هن وقت 224 روپيه 80 پئسا في ليٽر آهي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ مسلسل لاٿ سبب ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ 30 روپين تائين لاٿ جو امڪان آهي. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب پيٽرول جي خريداري 76 ڪان 77 ڊالر في بيرل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بلاول ڀٽو ۽ سينگاپور جي پرڏيهي وزير وچ ۾ ملاقات، ٻطرفا لاڳاپا وڌائڻ تي اتفاق

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سينگاپور جي هم منصب ڊاڪٽر ويون بالا ڪرشنن سان ملاقات ڪئي

سينگاپور جي دوري دوران پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سينگاپور جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويون بالاڪرشنن سان ملاقات ڪئي

ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ سينگاپور جي ٻطرفن لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ ٻطرفن لاڳاپن ۽ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سينگاپور جي هم منصب ڊاڪٽر ويون بالا ڪرشنن سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻطرفن لاڳاپن جو جائزو پڻ ورتو ويو سينگاپور جي دوري دوران پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سينگاپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي رستي ۾ ڪرپشن وڏي رنڊڪ بڻيل آهي: شهباز شريف

ڪرپشن ملڪ جي پاڙن کي کوکلو جڏهن ته ان جي معاشي ۽ انتظامي تباهي جو سبب بڻجندي آهي

معاشرتي اقتدار جو زوال ڪنهن به معاشري ۾ ڪرپشن جي شرح ۾ اضافي جو سبب بڻجي ٿو

ڪرپشن سبب امن تباهه ۽ ادارا ڪمزور ٿيندا آهن ۽ عوام جو گورننس ڪان ڀروسو ختم ٿيندو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي رستي ۾ ڪرپشن هڪ وڏي رنڊڪ بڻيل آهي. ڪرپشن ملڪ جي پاڙن کي کوکلو جڏهن ته ان جي معاشي ۽ انتظامي تباهي جو سبب بڻجندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

چار سال ٿي ويا آهن پر منهنجي خلاف ڪيس ۾ ڪا اڳڀرائي نه ٿي آهي: آغا سراج دراني

ريفرنس جي شريڪ جوابدارن ڪيس ٻي عدالت منتقل ڪرڻ جي درخواست سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي آهي

لاڳاپيل عدالت جو جج رٽائرڊ ٿي ويو آهي، هاڻي 22 ڊسمبر جي تاريخ ملي آهي نئون ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سنڌ ماڻهو آهي

اڳ به مختلف ڪاتن ۽ عهدن تي ڪم ڪيو آهي، 4 سال ٿي ويا آهن پر منهنجي خلاف ڪيس ۾ ڪا اڳڀرائي نه ٿي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) احتساب عدالت ۾ آغا سراج دراني ۽ ٻين خلاف آمدني ڪان وڌيڪ ملڪيت ٺاهڻ بابت ريفرنس تي ٻڌڻي آغا سراج دراني ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي 22 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي آهي عدالت جو جج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جڏهن ملڪ ۾ معاشي بحران وڌڻ لڳندو آهي ته حڪمران آڊيو ليڪ ڪري ڇڏيندا آهن: شيخ رشيد

مسئلا ايترا سنگين ٿي ويا آهن جو حڪومت ڪان ملڪ نه پيو هلي سگهي، وقت ڪان اڳ چونڊون ٿي سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام ڪان ڇوٽڪارو آهن

حڪومت دير ڪئي ته گاڏي نڪري ويندي، ارشد شريف جي قتل ڪان پوءِ جوڙيل جي آءِ ٽي اهم ذميواري اچي وئي آهي جو ته ادارا ۽ عدليه بئي اهم آهن

4 ڏينهن لاءِ عمري تي آيل آهيان جو ته هتان ڪان ٿي سڀ ڪجهه ملندو آهي، 300 روپيه ڪلو بصر ۽ 200 روپيه ڪلو ٽماٽا وڪرو ٿي رهيا آهن غريب ماڻهو ڇا کائيندو؟

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته جڏهن ملڪ ۾ معاشي بحران وڌڻ لڳندو آهي ته حڪمران آڊيو ليڪ ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن بڪ جي ماريل عوام روڊن تي ايندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

تسنيم احمد قريشي جو پاڪستان اسٽيل ملز ڪراچي جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار بابت خصوصي معاون تسنيم احمد قريشي پاڪستان اسٽيل ملز ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ ملز جي موجوده صورتحال بابت معلومات ورتي. ملاقات ۾ امتياز صفدر وڙائچ خاص مبصر طور پڻ موجود هو سي اي او پي ايس ايم سيف الدين جوڻيجو ڪارپوريٽ سيڪريٽري پي ايس ايم شفيق انجم ۽ ٻين آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص انگلينڊ ڪرڪيٽ ٽيم جي دوره پاڪستان جي حوالي سان اهم سيڪيورٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

بدين ۾ ڌارين جي آبادڪاري جي ڪنهن منصوبي تي ڪم ڪيو پيو وڃي: سگا اڳواڻ

بدين جي ماڻهن کي سنڌن زمينن جي مليل الاٽمينٽ جي باوجود انهن جي ملڪيتن تي ڌارين طرفان قبضا ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ ڪارروائيون ۽ ملندڙ ڌمڪيون افسوسناڪ آهن

بدين ۾ ترتي ڏئين جي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ ڪين ڌارين ۽ قبضا گيرن طرفان ملندڙ ڌمڪين ۽ ٿيندڙ ڏاڍ واري سامهون آيل معاملي تي بدين ضلعي جي انتظاميا کي ترت ڪارروائي ڪرڻ گهرجي

صوبي ۾ وڌندڙ ڌارين جي ڏاڍ ۽ قبضا گيرن جي ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ لازمي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي عوام جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان پنهنجي پريس ٻڌائي ۾ سنڌ جي ساموندي ڪناري وارن علائقن جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڌارين جي تيزي سان وڌندڙ آبادڪاري ۽ لڳاتار قبضن تي تمام گهڻي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسيمبلي جي ميمبرن جو ڪم سٺي قانون سازي ڪري قانون کي اڳتي وڌائڻ هوندو آهي: شهلا رضا

تنهن هوندي به ڌوهن کي حل ڪرڻ عدالتن تي منحصر آهي ته هو فوري ۽ مڪمل انصاف کي يقيني بڻائين: عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير

گهٽ عمر وارين ڇوڪرين جي زبردستي شاديون ۽ عورتن جي خلاف تشدد جي واقعن جي روڪٿام لاءِ اسان ڪم ڪري رهيا آهيون

دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو نٿو ٿي سگهي ته هر گهر ۾ پوليس جي حفاظت لاءِ ويهاريو وڃي ڪيترين زبردستي شاديون لکي ڪري ٿي رهيون هونديون آهن

ڪراچي (رپورٽر) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو آهي ته اسيمبلي جي ميمبرن جو ڪم سٺي قانون سازي ڪري قانون کي اڳتي وڌائڻ هوندو آهي تنهن هوندي به ڌوهن کي حل ڪرڻ عدالتن تي منحصر آهي ته هو فوري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد: سول سوسائٽي جي وفد جي اهم اڳواڻن سان ملاقاتون

اسلام آباد (م ڊ) مٽياري ضلع جي مسئلن ۽ اشوز تي سول سوسائٽي سنڌ جي چيئرمين سيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪوئٽه هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي آزاد ٿيندڙ سواتي سنڌ پوليس هٿان گرفتار

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان پوليس پاران تحريڪ انصاف جي سينيٽر اعظم سواتي کي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

فلسطينين جي حقن ۾ انهن سان گڏ آهيون: چيني صدر

گذريل 5 ڏهاڪن ڪان وڌيڪ عرصي ڪان ٻنهي ملڪن هڪٻئي جي حمايت ڪئي آهي

چين فلسطيني پناهگيرن کي وڏي انگ ۾ ڪورونا ۽ ٻيون ويڪسينز فراهم ڪيون آهن

رياض (م ڊ) چين جي صدر شي جن پنگ پنهنجي فلسطيني هم منصب محمود عباس سان رياض ۾ ملاقات ڪئي آهي ان موقعي تي شي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جج خواهشن تي نه آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪن: سعيد غني

عجيب ڳالهه آهي ته سپريم ڪورٽ ان شخص کي بحال ڪري رهي آهي: صوبائي وزير

نثار کهڙي جي چونڊ قانوني طريقي سان ٿي، ڪيس کهڙي ڳالهه جي سزا ڏني پئي وڃي؟

ڪراچي (م ڊ) صوبائي وزير سعيد غني سپريم ڪورٽ جي فيصل واوڊا بابت فيصلي تي چيو آهي ته جج خواهشن تي نه آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪن. پنهنجي ردعمل ۾ سعيد غني چيو ته فيصل واوڊا جي نااهلي سان خالي سينيٽ سيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان پارٽي جا ورڪر ملاقات ڪري رهيا آهن

شرجيل ميمڻ سنڌ جي حالتن تي ڌيان ڏئي: بيرسٽر محمد علي

شرجيل ميمڻ جي مثال ان ڏيڏر جهڙي آهي جيڪو ٿلهي تي چڙهي چوندو آهي ته ڪشمير نظر اچي پيو

شرجيل ميمڻ خيبرپختونخواهه ۾ امن امان بابت وڏيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي ڪراچي ۾ جيترا ڌوه ٿي رهيا آهن

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي صلاحڪار بيرسٽر محمد علي سيف سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي خيبرپختونخواهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران خان تي حملو: جي ٽي آءِ فيصل واوڊا سميت 35 ڄڻن کي گهرائي ورتو

جي آءِ ٽي پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ فيصل واوڊا کي طلبي لاءِ خط جاري ڪيو آهي

فيصل واوڊا سمورن دستاويزن، قومي سڃاڻپ ڪارڊ سان گڏ سڀاڻي پيش ٿئي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان تي حملي جي جاچ لاءِ قائم جي آءِ ٽي فيصل واوڊا، حماد اظهر ۽ فيصل جاويد سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي وارن لاءِ خوشخبري، پارڪنگ فيس ختم، پيسا وٺندڙ عملو ٺي نه هوندو

ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سيف الرحمان جي صدارت هيٺ مختلف ڪاتن جو اجلاس ٿيو

ڪي ايم سي اڄ ڪان پارڪنگ فيس نه اوڳاڙيندي، پارڪنگ عملي کي هٽايو وڃي: سيف الرحمان

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي نئين چونڊيل ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر سيف الرحمان عهدو سنڀالڻ سان ئي ڪي ايم سي جي پارڪنگ فيس ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سيف الرحمان جي صدارت هيٺ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: بلديات وارو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي

اعظم سواتي خلاف بلوچستان ۾ داخل ڪيس ختم ڪرڻ جو حڪم

بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ سينيٽر اعظم سواتي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي

اعظم سواتي جي پٽ والد خلاف ڪيس ختم ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ داخل سمورن ايف آءِ آرز کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ سينيٽر اعظم سواتي خلاف داخل درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪنگهي ڪنگهي عورت جون 4 هڏيون ڀڄي پيون

ڀريان مان سرچيو ته مون کي اڌ رنگ ٿيو آهي پر مون کي اميد نه هئي ته مان هلي به نه سگهنديس

ويجهي اسپتال نيو ويو جتي سي ٽي اسڪين ۾ خبر پئي ته سندس چار هڏيون ڀڄي پيون آهن: ذريعا

بيجنگ (م ڊ) چين ۾ هڪ عورت کي اهڙي ڪنگهه ٿي جو ڪنگهي ڪنگهي سندس 4 هڏيون ڀڄي پيون، اهو حيرت جوڳو واقعو چين ۾ پيش آيو جتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پ پ ايندڙ چونڊن ۾ ڪراچي مان سرپرائز ڏيندي: بلاول ڀٽو زرداري

ڪجهه مهينن ۾ اسان ثابت ڪيو ته پ پ ڪراچي لاءِ ڊليور ڪري سگهي ٿي، پ پ ايندڙ چونڊن ۾ ڪراچي مان سرپرائز ڏيندي

پ پ جي 15 مهينن جي ڪنهن ٻئي سان ڀيٽ ڪئي، اسان 2018 ڪان ڪراچي مان ڪراچي قومي اسيمبلي سيٽن جو انگ ٻيڻو ڪيو

ڪراچي جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ تي بلاول ڀٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان: بيريسٽر مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پ پ ايندڙ چونڊن ۾ ڪراچي مان سرپرائز ڏيندي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري، مرتضيٰ وهاب جي ٽوئيٽ تي جواب ڏيندي لکيو ته ڪجهه مهينن ۾ اسان ثابت ڪيو ته پ پ ڪراچي لاءِ ڊليور ڪري سگهي ٿي. هن لکيو ته پ پ جي 15 مهينن جي ڪنهن ٻئي سان ڀيٽ ڪئي. اسان 2018 ڪان ڪراچي مان ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪوشش آهي ته بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ سان عوام کي ڏکيائي پيش نه اچي: شرجيل ميمڻ

صوبائي وزير بي آر ٽي ريڊ لائن جي پوري روٽ تي جتي گنجائش آهي اتي شهرين لاءِ بهتر متبادل رستا ٺاهڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ جي تعميرات جي ڪري ٽريفڪ جام جي رپورٽس جو نوٽس وٺي ڇڏيو

يونيورسٽي روڊ تي ٽريفڪ اهلڪارن جي نفري وڌائي وڃي ته جيئن يونيورسٽي روڊ تي سفر ڪرڻ وارن شهرين کي بهتر رهنمائي ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتن واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ جي تعميرات جي ڪري ٽريفڪ جام جي رپورٽس جو نوٽس وٺي ڇڏيو صوبائي وزير ٽرانس ڪراچي جي سي اي او کي يونيورسٽي روڊ ۽ بي آر ٽي ريڊ لائن جي پوري روٽ تي جتي گنجائش آهي اتي شهرين لاءِ بهتر متبادل رستا ٺاهڻ جي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان جو ڍاٻيجي پمپنگ اسٽيشن ۽ گهارو فلٽر پلانٽ جو دورو

چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر انتخاب احمد راجپوت سي اي او واٽر بورڊ ۽ سي او واٽر بورڊ کي پمپنگ اسٽيشن ۽ فلٽر پلانٽ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

واٽر بورڊ سڄو سال شهرين کي سوين ڪلوميٽر پري کان مسلسل پاڻي فراهم ڪري رهيو آهي: سي اي او واٽر

واٽر بورڊ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي ڀرپور تعاون ۽ ڏينهن رات خدمتن سبب شهرين کي پاڻي جي فراهمي جو سلسلو مسلسل 24 ڪلاڪ جاري آهي: انجنيئر اسدالله خان

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان پاران ڍاٻيجي پمپنگ اسٽيشن ۽ گهارو فلٽر پلانٽ جو دورو ڪري پمپنگ اسٽيشن ۽ فلٽر پلانٽ جو تفصيلي جائزو ۽ معائنو ڪيو. ان موقعي تي چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر انتخاب احمد راجپوت سي اي او واٽر بورڊ ۽ سي او واٽر بورڊ کي پمپنگ اسٽيشن ۽ فلٽر پلانٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان ڍاٻيجي پمپنگ اسٽيشن ۽ گهارو فلٽر پلانٽ جو دورو ڪري رهيو آهي

موسم جي تبديل ٿيندڙ صورتحال، اتر اوڀر جون هوائون گهلنديون، ٿڌ وڌندي

ڪراچي (م ڊ) بلوچستان جي اتر اوڀر واري هوائن سبب ايندڙ ٽن ڏينهن دوران شهر ۾ ٿڌ ۾ واڌ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جي ارلي وارننگ سينٽر جي اڳڪٿي موجب ايندڙ 3 ڏينهن دوران بلوچستان جي اتر اوڀر طرف کان هوائون گهلڻ جو امڪان آهي. جنهن دوران ڏينهن ۾ موسم خشڪ ۽ ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي. رات جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 13 ڪان 15 ڊگري سينٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

شازيه عطا مري ڊائريڪٽر جنرل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، سينٽرل زون ڪراچي آفيس جو دورو ڪيو

دوري جي دوران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان جي سيڪريٽري يوسف خان ۽ ڊائريڪٽر جنرل آپريشنل مينيجر حماد مري پڻ ساڻس گڏ هئا

اسان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نظام ۾ آساني ۽ ان ۾ وڌيڪ بهتري جي لاءِ پرعزم آهيون: چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو وٺڻ وارن جي مسئلن ۽ سندن شڪاين جو ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي: شازيا عطا مري

ڪراچي (رپورٽر) غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير ۽ چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شازيه عطا مري اڄ ڊائريڪٽر جنرل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، سينٽرل زون ڪراچي آفيس جو دورو ڪيو دوري جي دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نواز شريف جي ڀرپور استقبال لاءِ تياريون شروع ڪرڻ جو اعلان

اڄ ڪان ميان نواز شريف جي وطن واپسي تي شاندار استقبال ڪرڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن: راڻا ثناءالله

اسين چونڊن ڪان نٿا ڀڄون، جمهوريت پسند آهيون، چاهيون ٿا ته اسمبليون مدت پوري ڪن، جلد هو وطن ورندو

ميان نواز شريف عمران خان جي حڪومت ۾ جيل ۾ هو ته بيماري سبب ڪيس علاج لاءِ 2019 ۾ لنڊن موڪليو ويو هو

لاهور (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته اڄ ڪان ميان نواز شريف جي وطن واپسي تي شاندار استقبال ڪرڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. اعظمي بخاري سان گڏ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ هن چيو ته اسين چونڊن ڪان نٿا ڀڄون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله پريس ڪانفرنس ڪندي

سواتي خلاف بلوچستان ۾ داخل سڀ ڪيس ختم، آزاد ڪرڻ جو حڪم

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ جمعي تي پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته صوبي ۾ پي ٽي آءِ جي سينيٽر اعظم سواتي خلاف سندس اعليٰ فوجي آفيسرن خلاف تڪراري ٽوئيٽس تي داخل پنج ٿي ايف آءِ آر کي رد ڪيو وڃي ۽ ڪيس آزاد ڪيو وڃي جيڪڏهن مٿس ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ ڪيس داخل نه ڪيو وڃي. سواتي – جنهن کي 27 نومبر تي اسلام آباد ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سنڌ ۾ تعليم کاتو سڀ ڪان وڌيڪ ڪرپٽ قرار

ڪرپٽ ادارن ۾ ٽينڊرنگ، ڪنٽريڪٽ جو شعبو ٻيون ۽ عدليه ٽئين نمبر تي آهي، رپورٽ ۾ تعليم جي شعبي کي ڪرپٽ ادارن ۾ چوٿون نمبر ڏنو ويو آهي

سنڌ جو سڀ ڪان وڌيڪ ڪرپٽ تعليم شعبو قرار سروي رپورٽ ۾ سنڌ صوبي ۾ تعليم جي شعبي کي سڀ ڪان وڌيڪ ڪرپٽ قرار ڏنو ويو آهي

جيڪڏهن ڪا اهڙي رپورٽ آهي ته مان نه ٿو مڃان، مفروضن تي ٻڌل رپورٽ نه هئڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو ثبوت آهي ته ڏيو: تعليم وارو سيڪريٽري

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان پاران نيشنل ڪرپشن پرسيپشن سروي جاري ڪئي وئي آهي، سروي رپورٽ ۾ پوليس کي ملڪ جو سڀ ڪان ڪرپٽ ادارو قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ڪرپٽ ادارن ۾ ٽينڊرنگ، ڪنٽريڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

دفاعي ادارا پنهنجي حدن ۾ رهيا ته اسان انهن کي سلام ڪنداسين: فضل الرحمان

آئين تحت ڏنل اصولن ۽ دائرن کي احترام ڏيو ۽ سڀ ادارا پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن، جڏهن اسان اندروني طور ڪمزور هوندا آهيون ته دنيا به اسان جي ڪمزورين جو فائدو وٺندي آهي

70 سال اڳ اسان طاقتور هئاسين ۽ هاڻ ڪمزور آهيون، اڄ اسان ملڪ کي ايترو هيٺ جو آڻي ڇڏيو آهي، اسان ملڪي معيشت جي حوالي سان پريشان آهيون

اسان جو سڀ ڪان وڏو مسئلو معاشي بدحالي آهي، پاڪستان جي معيشت ٻڏي وئي آهي، اسان کي ان صورتحال مان نڪرڻو آهي ۽ ملڪ کي مستحڪم ڪرڻو آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) جمعيت علماء اسلام ف جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته جيڪڏهن دفاعي ادارا پنهنجي حدن ۾ رهيا ته اسان انهن کي سلام ڪنداسين. بلوچستان هاءِ ڪورٽ بار سان خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪوئيٽا: جمعيت علماء اسلام ف جو سربراهه مولانا فضل الرحمان جلسي کي خطاب ڪندي

بلوچستان هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ داخل سمورا ڪيس ختم ڪري ڇڏيا

ڪوئٽه (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ داخل سمورا ڪيس ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سينيٽر اعظم سواتي خلاف داخل ڪيسن خلاف درخواست تي ٻڌڻي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي. اعظم سواتي جي پٽ پنهنجي والد خلاف ڪيس ختم ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي. اعظم سواتي خلاف ڪچلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪرپشن جي خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي نوشهروفيروز ۾ ريلي

ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ هڪ ريلي منعقد ڪئي وئي

ڪرپشن اسان جي معاشري ۽ نظام کي اڌوهي جيان کائي رهي آهي: ڊي سي

اسان سڀني کي اڳتي اچڻو پوندو هن چيو ته ڪرپشن کي برداشت نه ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪرپشن جي خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ هڪ ريلي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي جي سڀني آفيسرن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي، ريلي جي اختتام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهروفيروز: ڪرپشن جي عالمي ڏينهن تي ريلي ڪڍي وئي

گهگهر جي ايچ آئي بي گرامر اڪيڊمي جي طرفان ثقافتي رنگن سان پروگرام

ملير (رپورٽ) بن قاسم ٽائون گهگهر جي ايچ آئي بي گرامر اڪيڊمي جي طرفان ثقافتي رنگن سان ڀرپور پروگرام پيش ڪيو ويو ٻارڙن مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا تعلم سان گڏ ٻارڙن کي پنهنجي ثقافت جي ڄاڻ هجڻ به ضروري آهي آصف ديدار کوکر، تفصيل موجب گهگهر جي ايچ بي آئي اڪيڊمي ۾ ثقافتي پروگرام ملهايو ويو جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دريا خان مري پرسان ڳوٺ محمد رمضان خاصخيلي ۾ پٽ هٿان پيءُ قتل

عبدالرحيم خاصخيلي عبدالله خاصخيلي کي مٿي ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪيو

نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته ٻانڊي پرسان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

نوشهروفيروز (د ر) دريا خان مري پرسان ڳوٺ محمد رمضان خاصخيلي ۾ پٽ عبدالرحيم خاصخيلي پيءُ عبدالله خاصخيلي کي مٿي ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون هڻي سخت زخمي ڪري وڌو زخمي کي فوري طور تي دريا خان مري اسپتال آندو ويو زخمي جي ڳڻتي جوڳي حالت هجڻ ڪري ڪيس فوري طور تي نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته ٻانڊي پرسان زخمن جا سور نه سهندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

قومي ثقافت جي حوالي سان نوشهرو فيروز ۾ تقريبون جاري، قومي گيتن تي پرفارمنس

مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز جي ونگ سي ڏهين ڪلاس جي شاگردن تقريب منعقد ڪئي

مرڪون وکيريون. شاگرد ثقافتي ويس اوڍي آيا ۽ سموري ڪلاس توڙي استادن کي جهومائي ڇڏيو

علي ميمڻ، مير حسن اڙ، فياض قريشي، ممتاز ڏنگرچ، مظهر ميمڻ، اعجاز لاشاري ۽ شاگردن خطاب ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) قومي ثقافت جي حوالي سان نوشهرو فيروز ۾ تقريبون جاري آهن. گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز جي ونگ سي ڏهين ڪلاس جي شاگردن [illegible] ڪلاس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

هاءِ اسڪول ٽالپروڊا جي استادن ۽ شاگردن پاران ثقافتي لباس پهري جاڳرتا شاندار ريلي

ٽالپروڊا (رپورٽ) هاءِ اسڪول ٽالپروڊا جي استادن ۽ شاگردن پاران ثقافتي لباس پهري [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهرو فيروز: ثقافت جي حوالي سان تقريب منعقد

عوامي تحريڪ ٽنڊو باگو پاران ملڪي ۽ عالمي صورتحال جي عنوان هيٺ ليڪچر

دنيا تي جنگيون مڙهيندڙ آمريڪا جي لٽ سرداري خطري هيٺ آهي: اسماعيل خاصخيلي

پاڪستان جي حڪمرانن هٿ وٺي ملڪ کي آمريڪي ڪالوني بڻائي ڇڏيو آهي ۽ قربو ويو آهي

مرويت هاليپوٽو، بيگم زئور، امر جليل هاليپوٽو، صادق هاليپوٽو، سرواڻ هاليپوٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڊو باگو (رپورٽ:سهيل سمون) عوامي تحريڪ ٽنڊو باگو پاران موجوده ملڪي عالمي صورتحال جي عنوان هيٺ ليڪچر ٿي گذريو جنهن ۾ ليڪچر ڏيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اسماعيل خاصخيلي چيو ته سڄي دنيا تي جنگيون مڙهيندڙ آمريڪا جي لٽ سرداري خطري هيٺ آهي، روس ۽ چين پنهنجي معشيت مستحڪم ڪري ٻين ملڪن مان آمريڪي بالادستي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو ۾ تعليم کاتي جي بائيو ميٽرڪ اسسٽنٽ نديم سومرو جي استادن سان بدتميزي

استادن جو احتجاج، اسسٽنٽ پاران بائيوميٽرڪ دوران اسڪول مڪمل بند ڏيکارڻ جو ڌمڪيون

واهي پانڌي جي استادن ڄام خان رستماڻي محمد رمضان ڪوسو علي اڪبر ڪوسو احتجاجي مظاهرو ڪيو

استادن کي غير حاضر ڄاڻايو رشوت جي ڊمانڊ پوري نه ٿيڻ تي بائيوميٽرڪ ڪرڻ کان انڪار ڪيو: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) تعليم کاتي جي بائيو ميٽرڪ اسسٽنٽ نديم سومرو جي استادن سان بدتميزي، منهن ماري مبينه رشوت طلب، استادن جو احتجاج بائيوميٽرڪ دوران اسڪول مڪمل بند ڏيکارڻ جو استادن کي ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي جي ڊگري ڪاليج ۾ سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن پاران جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) 9 ڊسمبر تي پوري ملڪ جيئان گهوٽڪي جي ڊگري ڪاليج ۾ ب سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن پاران ڏهاڙو ملهائيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻ آفيسرن، صحافين ۽ عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن محمد سانول گهوٽو صاحب ،ايس ڊي ايم گهوٽڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: گورنمنٽ اسڪول جا استاد تعليم کاتي جي بائيو ميٽرڪ اسسٽنٽ خلاف احتجاج ڪندي

اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ جيئندو درس واسين جو برادري جي ماڻهن خلاف احتجاج

رهواسين هدايت الله درس بادل درس رحمت الله درس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

درمحمد ۽ ذوالفقار درس وارن جو حبڪو ڪمپني کي گوشت ڏيڻ جو ٺيڪو مليل آهي: الزام

آفيم چرس سميت منشيات وڪرو ڪن ٿا ۽ ڳوٺ ۾ انهن جا پڻ منشيات جا اڏا آهن: ڳالهيون

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ جيئندو درس واسين جو برادري جي ماڻهن مٿان مال چوري ڪرڻ جو الزام احتجاج رهواسين هدايت الله درس بادل درس رحمت الله درس ۽ ٻين احتجاج ڪيو درمحمد درس ذوالفقار درس وارن جو ڪمپني ۾ گوشت ڏيڻ جو ٺيڪو آهي اسان جو مال چورائين ٿا / گوناٿا 2 ڏينهن اڳ جهيڙو پڻ مال چوري' تان ٿيو هائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دڙي جي ناليج سيڪرس اسڪول ۾ ثقافتي رنگ اڀري پيا، شاگرداڻين وچ ۾ تقريري مقابلا

سنڌي اجرڪن، گجن ۽ ٽوپين جا تجلا. شاگردن ۽ شاگرداڻين وچ ۾ تقريري مقابلا، ٽيبلوز پيش

دڙو جي خانگي اسڪول نالج سيڪرس سسٽم جي انتظاميا طرفان تقريب منعقد ڪئي وئي

شاويز سومرو، سبحاڻ عزيز ميمڻ، شاداب امتياز ميمڻ، سنڌو لاڪائي، حاجي سومار ميمڻ شريڪ ٿيا

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي جي نالج سيڪرس اسڪول ۾ ثقافتي رنگ اڀري پيا، سنڌي اجرڪن، گجن ۽ ٽوپين جا تجلا. شاگردن ۽ شاگرداڻين وچ ۾ تقريري مقابلا، ٽيبلوز پيش. گيتن تي رقص، قومي هيروز کي پيتا پيش. سر ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ثقافتي ريلي ڪڍي وئي، دڙو جي خانگي اسڪول نالج سيڪرس سسٽم جي انتظاميا طرفان ڊاڪٽر ابراهيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڳڙهي خيرو ويجهو سيلاني ٽرسٽ پاران برسات متاثرن لاءِ بيگ ۽ ٽينٽ تقسيم

ڳڙهي خيرو (رپورٽ) ڳڙهي خيرو ويجهو سيلاني ٽرسٽ پاران برسات متاثرن لا رليف ڪئيمپ قائم هڪ هزار کان وڌيڪ راشن بيگ ۽ ٽينٽ تقسيم ڪيا ويا سردارزاده علي حسن خان ٿهيم ڊاڪٽر شفيق ٿهيم جي ڪوشش سان سيلاني ٽرسٽ جي عارف لاڪاني جي تعاون سان شيرانپور سميت ڀرپاسي جي برسات متاثرن کي هڪ هزار کان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو: نالج سيڪرس اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ ٻارڙا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي

گمبٽ لڳ يوسي درازا شريف جي وارڊ نمبر هڪ جي ڳوٺن ۾ برسات جو گندو پاڻي بيٺل

ڳوٺ در محمد چامڙو سان چونڊيل نمائيندن پاران ماٽيلي مان وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو

اسان ڏي هن مهل تائين چڱن منن مان ڪير لڙي به ناهي آيو، چار مهينا گذري ويا آهن: ڳوناٿا

اسان جا رستا ڪليئر ٿين ته جيئن اسان سڪون سان پنهنجي گهرن ڏانهن اچي وڃي سگهون

گمبٽ (رپورٽ:عبدالحي شيخ) گمبٽ لڳ يوسي درازا شريف جي وارڊ نمبر هڪ جي ڳوٺ درمحمد چامڙو ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان برسات جو گندو پاڻي بيٺل ڳوٺ در محمد چامڙو سان چونڊيل نمائيندن پاران ماٽيلي مان وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو ڳوٺ در محمد چامڙو جو رهواسي فرجي امام بخش چامڙو ولد فقير محمد چامڙو وفات ڪري ويو جنهن جو لاش وارث ۽ ڪانڌي دفنائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ بارشن جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ قائم ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس

ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي صدارت هيٺ آفيس ۾ ٿيو

اجلاس ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ امجد احمد ميمڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر شريڪ

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) ضلعي مان بارشن جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ قائم ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ ٿيو اجلاس ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ امجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گمبٽ ۾ ڀيڻيون پيرو گڙدي جو روبوٽڪ سرجري ٽرانسپلانٽ ڪيو ويو

گڙدي جو روبوٽڪ سرجري ٽرانسپلانٽ ڪيو ويو، وسيم سرور پٽي ۽ محمد هارون شريڪ

اسان گمس ڊاريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي صاحب جا ٿورائتا آهيون: نديم عباس ۽ ٻيا

گمبٽ (رپورٽ:عبدالحي شيخ) گمبٽ جهڙي تنديڙي شهر ۾ ڀيڻيون پيرو گڙدي جو روبوٽ سرجري ٽرانسپلانٽ ڪيو ويو خبر موجب گمبٽ جهڙي تنديڙي شهر ۾ ڀيڻيون پيرو گڙدي جو ربوٽ سرجري ٽرانسپلانٽ ڪيو ويو گمبٽ گمس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گمبٽ: ڀيڻيون پيرو گڙدي جو روبوٽڪ سرجري ٿيڻ بعد ڊاڪٽر مريض ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائيندي

خانپورمهر واسي نوجوان کي عمان ۾ عرب مالڪ پاران قيد ڪرڻ جو انڪشاف

ڳوٺ چڪ سيال جي رهواسين ٻن پائرن عبدالحڪيم سيال ۽ عباس سيال احتجاج ڪيو

ساجد سيال کي پگهار گهرڻ تان احمد بن سيف نالي عرب پاران تشدد ڪيو ويو: مظاهرين

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر واسي نوجوان کي عمان ۾ عرب مالڪ پاران مبينا طور تشدد ڪري قيد ڪرڻ جو انڪشاف. وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

وارهه عوامي ورڪرز پارٽي طرفان ڪي اين شاهه ڪان احتجاجي مظاهرو

ضياء پٽي، ڪامريڊ سينگار نوناري، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڪامريڊ غفار ميرجت، وقار رضا چولياڻي، ب پ شهيد ڀٽو اڳواڻ شريڪ ٿيا

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪنڌڪوٽ ۾ ڪرپشن جي روڪ ٿام لاءِ اينٽي ڪرپشن ويڪ ملهايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان گهنٽا گهر تائين پرامن انداز ۾ ريلي ڪڍي وئي

رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ حرام آهي، ڪينسر آهي جيڪو معاشري کي چٽي رهيو آهي: اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (خالد بلوچ) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ: ڪرپشن جي روڪ ٿام لاءِ ريلي ڪڍي وئي

مانجهند پرسان مزدورن ۾ ڀيرين نه ملڻ جي معاملي تي جهيڙو، هڪ فوت

لٽون ٽونشا لڳڻ سبب ڇڙائڻ لاءِ آيل پوريهيت پراسرار نموني فوت 2 معمولي زخمي

ڇڙائڻ لاءِ آيل پوريهيت 45 ورهين جو شير عالم پناڻ پراسرار طور تي فوت ٿي ويو

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان ڪوٽڙي ڪمپني جي مزدورن ۾ ماتي ڀيرين نه ملڻ جي معاملي تي جهيڙو لتون ٽونشا لڳڻ سبب ڇڙائڻ لاءِ آيل پوريهيت پراسرار نموني فوت 2 معمولي زخمي تفصيل موجب مانجهند جي لاڪڙا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان ڪرپشن جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاڳرتا ريلي

اينٽي ڪرپشن ٽنڊو محمد خان پاران مختيار آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

رشوت وٺندڙ آفيسرن خلاف اينٽي ڪرپشن هر وقت فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: عملدار

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ڪرپشن جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اينٽي ڪرپشن ڪاتي ٽنڊو محمد خان پاران مختيار آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ اسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان آفتاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان: ڪرپشن جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

ڪنڊڪوٽ شيخ برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو، نوجوان قتل

شيخ برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو لٺيون لڳڻ سبب نوجوان قتل ٿي ويو

سول اسپتال پهچائي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ:امداد بنگوار) ڪنڊڪوٽ شيخ برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو نوجوان قتل، گلشير محلہ ڪنڊڪوٽ ۾ سنگاوتي تڪرار سبب شيخ برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو لٺيون لڳڻ سبب نوجوان قتل ٿي ويو، خبر موجب اي سيڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽ ميرجان محمد ۾ تقريب

ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ٿي گذري شاگردن ۽ استادن وڏي شرڪت ڪئي

محمد الياس، گوتم، محمد شعيب، محمد حارث، اشوڪ ڪمار ۽ الهورايو شريڪ ٿيا

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽ مير جان محمد ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ٿي گذري تقريب ۾ شاگردن ۽ استادن وڏي شرڪت ڪئي، هيڊماسٽر ناراڻ داس ۽ استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور ۾ اينٽي ڪرپشن ڊي ٽي سرڪل آفيس کان ساڃاهه وندن جي ريلي

ڪرپشن بابت شڪايتن تي ڪاروائي ڪئي ويندي آهي، عوام نشاندهي ڪري: منور علي پناڻ

عوامي سڄاڳي لاءِ ريلي ڪڍي آهي عوام ڪرپشن خلاف آواز اٿاري: سجاد حيدر قادري ۽ ٻين جو خطاب

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ ڪرپشن ڊي ٽي اينٽي ڪرپشن سرڪل آفيس کان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ڪرپشن بابت شڪايتن تي ڪاروائي ڪئي ويندي آهي. عوام ڪرپشن جي نشاندهي ڪري. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور: اينٽي ڪرپشن ڊي ٽي ريلي ڪڍي وئي

سگا شاخ ۽ روٽري ڪلب دادو پاران پاٽ شريف ۾ ميگا ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي

مختلف بيمارين ۾ مبتلا پنج سئو کان وڌيڪ مريضن جو چڪاس ڪرڻ بعد دوائون فراهم

پيڊياٽريشن، نيوٽريشن ڪارنر، مفت ميڊيڪل اسٽور سميت ايمرجنسي لاءِ ايمبولنس پڻ موجود هئي

روٽريڪٽ ڪلب جي اڳواڻن، رفيق احمد سرهيو، عدنان خشڪ، زوهيب احمد سومرو، عبدالرزاق منگي شريڪ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سگا شاخ ۽ روٽري ڪلب دادو پاران پاٽ شريف ۾ مفت ميگا ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ چمڙي، ڪنگهي، مليريا، ڊائريا، بخار، کنگ سميت مختلف بيمارين ۾ مبتلا پنج سئو کان وڌيڪ مريضن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ننگريجا ڪان نصير فقير جلالاڻي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺيندڙ ڪم رولڙي جو شڪار

ٽالپروڊا (رپورٽر) ننگريجا ڪان نصيرفقير جلالاڻي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٺيندڙ روڊ جي ڪم تقريبن ٽن سالن کان ٺيڪيدار ۽ ڪامورن جي لاپرواهي سبب رولڙي جو شڪار ٺيڪيدار پاران هڪ سال اڳ وڇايل پٿر روڊ سان گڏرندڙ موٽر سائيڪل ڪان ٽرالر وارن لاءِ عذاب بڻيل گاڏيون پنڪچر ٿيڻ ٿائر ڦاٽڻ ۽ حادثا ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: پاٽ شريف ۾ ميگا ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي

گمبٽ ويجهو ڳوٺ مولا بخش ناريجو ۾ لائيو اسٽاڪ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر پاران ويڪسين

ڊپٽي ڊائريڪٽر جي هدايتن تي چوپايو مال کي بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ ويڪسين ڪئي وئي

300 چوپائي مال جنهن ۾ مينهن ڳئن ۽ ٻڪرين کي گهوڳي ۽ ٻين مختلف بيمارين جو علاج ڪيو

گمبٽ (رپورٽ:عبدالحي شيخ) گمبٽ ويجهو ڳوٺ مولا بخش ناريجو ۾ لائيو اسٽاڪ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جي هدايتن تي چوپايو مال کي بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ ويڪسين ڪئي وئي، لائيو اسٽاڪ عملي ڳوٺ مولابخش ناريجو ۾ پهچي تقريبن 300 چوپائي مال جنهن ۾ مينهن ڳئن ۽ ٻڪرين کي گهوڳي ۽ ٻين مختلف بيمارين جو علاج ڪيو ۽ مختلف بيمارن کان بچاءُ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ايس ايس پي نوشهروفيروز جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري

ابڙان پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪرڻ بعد نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار نياز علي سيال جي قبضي مان 220 ساشي گٽڪا هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بلڙي شاهه ڪريم لڳ ڳوٺ علي بخش رند پوريهيت جي پٽ جي سماڌنا ڪئي وئي

[illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروايون بعد گرفتار ڪيل مڙس ۽ هٿ ڪيل سامان

ڀرياستي پريس ڪلب جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿيو، 25 ميمبرن جي شرڪت

ايم پي اي سيد مراد علي شاهه خصوصي طور تي شرڪت ڪئي، اهم معاملن تي ڳالهيون

سيد مراد علي شاهه پريس ڪلب جي تيار ٿيل ٽن ڪمرن ۽ هڪ ڪانفرنس هال جو معائنو ڪيو

شاهد سهتو، نديم علي منگي، رفيق عمراڻي، راشد علي، غلام عباس سميت ٻين شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياستي پريس ڪلب جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اٽڪل 25 ميمبرن شرڪت ڪئي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه خصوصي طور تي شرڪت ڪئي ڪيترن ئي سالن کان پرياستي ۾ صحافين جا ٻه گروپ ڪم ڪري رهيا هئا جن ۾ ٺاهه ڪرائڻ ۾ ٻه سيد مراد علي شاهه بهترين ۽ هاڪاري ڪردار ادا ڪندي ڊاڪٽر سيد نثار علي شاهه کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دڙو شهر جي وارڊ 3 ۽ 4 جي رهواسين پاران انور سومرو جي مان ۾ آجياڻو، ساڃاهه وندن پاران شرڪت

صوبائي اڳواڻ ۽ حيسڪو بورڊ آف ڊائريڪٽر جي ميمبر جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو، شاندار آجيان ڪئي وئي

آجياڻي، واري تقريب ۾ نوازليگ ڪلچرل ونگ سنڌ جو صدر اڪبر سومرو، ن ليگ حيدرآباد ڊويزن جو نائب صدر سريڪ

نوازليگ حڪومت ملڪ جي عوام جي وڏ کان وڏ خدمت ڪري رهي آهي، نيون تارون پول ۽ ٽرانسفارمر لڳايا ويندا: ڳالهيون

دڙو (ن سنڌيار) دڙو شهر جي وارڊ 3 ۽ 4 جي رهواسين پاران مسلم ليگ (نواز) جي صوبائي اڳواڻ ۽ حيسڪو بورڊ آف ڊائريڪٽر جي ميمبر سردار انور سومرو جي مان ۾ آجياڻو، مختلف سياسي سماجي، واپارين سميت سوين شهرين جي شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ضلعي جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم ۾ جلسي جون تياريون تيز

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ضلعي جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم ۾ ايم پي اي عبدالڪريم سومرو پاران منعقد ياد بينظير جي جلسي جون تياريون زور شور سان جاري آهن . انهي سلسلي ۾ پ پ ضلعي جنرل سيڪريٽري خرم ڪريم سومرو ، ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر مير حسن ملاح ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دڙو: وارڊ 3 ۽ 4 جي رهواسين پاران انور سومرو جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

سيلاب متاثرين ۽ مستحق ٻارڙن جي مدد لاءِ ٺٽون ديرو ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا

گوئٽنگ ٽري جي سهڪار سان سرتيون سکيا سينٽر جي سرواڻ خالد ڪوري پاران سامان تقسيم

محلي پير ڳوٺ. بوائز پرائمري اسڪول جهان خان جروار، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ سهائتا

اسان جي سينٽر ۾ هنرجي سکيا سان گڏ ڪمپيوٽر تعليم به فري ۾ ڏني ويندي: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٺٽون ديرو (رپورٽ:شاهه محمود پٽو) سيلاب متاثرين ۽ مستحق ٻارڙن جي مدد لاءِ ٺٽون ديرو ۾ گوئٽنگ ٽري جي سهڪار سان سرتيون سکيا سينٽر جي سرواڻ خالد ڪوري پاران شهر ۽ ان جي ڀر واري علائقن جي اسڪولن ۾ پهچي مستحق ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا. سرتيون سکيا سينٽر جي اونر خالد ڪوري ٺٽون ديرو جي محلي پير ڳوٺ، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جهان خان جروار، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شيخ پرڪيو ۾ فاران شوگر مل انتظاميه عوام آزار بڻجي وئي، مقامي نظرانداز

انتظاميه پاران مقامي ماڻهن کي روزگار ۾ نظرانداز ڪرڻ بعد ڪرشنگ شروع ڪئي وئي

روزانو سوين ڪمند سان ڀريل ٽراليون ۽ گاڏيون زبون حال روڊ تان گذرن ٿيون ٽريفڪ بلاڪ

رواني کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن نه ئي شيخ پرڪيو پوليس ڪو تحرڪ ورتو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ۾ فاران شوگر مل انتظاميه عوام آزار بڻجي وئي، فاران شوگر مل انتظاميه پاران مقامي ماڻهن کي روزگار ۾ نظرانداز ڪرڻ بعد ڪرشنگ ته شروع ڪئي وئي آهي پر ڪمند سان ڀريل ٽرالين ۽ ٽرڪن جي روڊ تي پرمار هجڻ سبب انساني جانيون داءَ تي لڳي ويون آهن. روزانو سوين ڪمند سان ڀريل ٽراليون ۽ گاڏيون زبون حال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو محمد خان: شيخ پرڪيو ۾ فاران شوگر مل ويندڙ ٽرڪون روڊ تي بيٺل آهن

سيد فضل علي شاهه جي والده جي لاڏاڻي تي ساڃاهه وندن پاران تعزيت جاري

رائيپور (رپورٽر) رائيپور جي روحاني شخصيت اڳوڻو وفاقي وزير پير عبدالقادر شاهه جيلاني جي زوجه ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه ، ايم پي اي پير سيد احمد رضا شاهه جيلاني ، پير سيد احمد نواز شاهه المعروف جگنو سائين جي والده جي وڇوڙي بعد تعذيت جو سلسلو جاري رپورٽ موجب رائيپور جي روحاني شخصيت اڳوڻي وفاقي وزير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ ايف آءِ اي جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو، پ پ ڪائونسلر جاچ ۾ شامل

اڳوڻي ڊي سي تاشفين عالم جي گهرواري عرف ضياءُ پ پ ڪائونسلر جاچ ۾ شامل ڪيا ويا

رحمت الله سولنگي، اصغر جتوئي، ديه ستار ڏنو مگريو جي تپيدار نارو خان ڀٽو کان جاچ هلندڙ

جاچ ڪندڙ ايف آءِ اي شهيد بينظير آباد جي جاچ آفيسر ملڪ جي بئنڪن کي ليٽر اماڻي ڇڏيو

نوشهرو فيروز (د ر) ايم 6 ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ ايف آءِ اي جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي ۽ اڳوڻي ڊي سي تاشفين عالم جي گهرواري عرف ضياءُ، پ پ ڪائونسلر رحمت الله سولنگي، اصغر جتوئي ۽ تپيدار نارو خان کي جاچ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڳوڻي ڊي سي جا سمورا بئنڪ اڪائونٽ بند ڪرڻ لاءِ ليٽر لکي ڇڏيو آهي ان کان علاوه عرف ضياءُ، رحمت الله سولنگي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

چنچر 10 ڊسمبر 2022ع

معيشت بابت ته حڪومت مخالف ڌر کي گڏ ويهڻ گهرجي

ناڻي واري وفاقي وزير ڪجهه ڏينهن دوران ملڪ جي صدر عارف علوي سان ٻه ٽي ملاقاتون ڪيون آهن. ملاقاتن جو مقصد هڪ ته ملڪ مان سياسي افراتفري ۽ بي چيني جي خاتمي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ آهي ته گڏوگڏ ملڪ جي معاشي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ به آهي. ملڪ ۾ معاشي حالتن جي خرابي سبب هڪ ڀيرو وري ڊيفالٽ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جيڪي ڪجهه وقت اڳ تائين زور شور سان جاري هيون، پر موجوده ناڻي واري وزير جي اچڻ کانپوءِ اها اميد پيدا ٿي هئي ته حالتون بهتري طرف وڃي سگهن ٿيون، جنهن جا اشارا شروعاتي ڏينهن ۾ ڊالر جي پيٽ ۾ ريئي جو اڳهه مستحڪم ٿيڻ سان مليا هئا پر ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هڪ دفعو ٻيهر ڊالر جي اها اڏام آهي جنهن ڪري مهانگائي وڌڻ سان گڏ ڪاروباري زندگي تي اثر پئجي رهيو آهي، جنهن جو سيني کان وڏو سبب سياسي عدم استحڪام آهي. جنهن کي محسوس ڪندي ان جي خاتمي لاءِ ناڻي واري وزير ڪوششون شروع ڪيون آهن ۽ صدر مملڪت سان ملاقاتون ان سلسلي جي ڪڙي آهن.

ملڪ ۾ هن وقت جيڪو وڏو مسئلو آهي اهو معاشي صورتحال جو آهي ۽ سياسي عدم استحڪام ان تي خراب نموني اثرانداز ٿي رهي آهي. صدر مملڪت هوندئن ته رياست جو سربراهه آهي جنهن جو ڪنهن به سياسي پارٽي ڏانهن جهڪاءُ نه هجڻ گهرجي پر چاڪاڻ ته ڪيس انهي عهدي تي پي ٽي آءِ وارن اميدوار طور آندو ۽ ڪامياب ڪرايو هو ته لازمي طور هن جون همدرديون پي ٽي آءِ وارن سان آهن. جڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر اهڙي پوزيشن وٺي بيٺيون آهن جو اهي هڪٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ئي ناهن ته صدر مملڪت ئي اهڙي شخصيت ٿي سگهي ٿو، جيڪو ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي گڏ ويهارڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هاڻوڪو وزيراعظم جڏهن مخالف ڌر جو اڳواڻ هو تڏهن به هن ان وقت جي حڪومت کي ميثاق معيشت تحت ڳالهين جي آڇ ڪئي هئي ۽ هاڻي وزيراعظم ٿيڻ کانپوءِ به مخالف ڌر کي ساڳي آڇ ڪئي پر بدقسمتي سان مخالف ڌر نه ڳالهين تي راضي آهي نه ئي اسيمبلي ۾ ويهي پنهنجو ڪو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿي. جنهن تي صدر مملڪت به اهو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن عمران خان مون سان صلاح ڪري ها ته ڪيس اسيمبلي ۾ ويهڻ جي صلاح ڏيان ها. مخالف ڌر سياسي معاملن تي ڀلي ڪٽي حڪومت سان ويهڻ تي راضي نه ٿئي پر گهٽ ۾ گهٽ ملڪي معيشت تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ حڪومت سان ڪيس ويهڻ گهرجي ۽ ان لاءِ صدر مملڪت کان وڌيڪ ٻي ڪا موزون شخصيت ٿي نه ٿي سگهي، جنهن تي ٻئي ڌريون اعتماد ڪري سگهن ٿيون. ان ڪري ئي شايد ناڻي واري وزير ڪجهه ڏينهن دوران بار بار صدر سان ملاقات ڪري رهيو آهي، چاڪاڻ ته ملڪي معيشت جي حالت کان ناڻي واري وزير کان وڌيڪ ٻيو ڪو واقف نه هوندو.

اسان سمجهون ٿا ته ملڪي معيشت جي ابتري رڳو ڪنهن هڪ پارٽي جو نقصان ناهي، جيڪڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿين ٿيون ته نه رڳو حڪمران ڌر، عوام پر ملڪ کي ان جو ازالو نه ٿيڻ جوڳو نقصان پهچي سگهي ٿو. سياسي مسئلا ايڏي پئماني تي عوام جي روزمره جي زندگي تي اثرانداز نه ٿيندا آهن جيئن معاشي حالتون عوام کي سڌو سنئون متاثر ڪنديون آهن. تنهن ڪري حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي صدر ۽ ناڻي واري وزير ۾ ٿيل ملاقاتن جو فائدو وٺندي معيشت جي معاملن تي هڪٻئي سان گڏ ويهڻ گهرجي ۽ ملڪ جا مالي معاملا سڌارڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان ۾ ئي ملڪ ۽ سيني سياسي ڌرين جي بهتري آهي.

چا چوڌري پرويز الاهي يوٽرن وٺندو؟

ذوالفقار گراماڻي

اِها توهان جي مرضي آهي ته توهان سياسي صورتحال کي ايئن منجهيل سمجهو جيئن مسلم ليگ ق وارا بيان ڪري رهيا آهن ته پنجاب جو وڏو وزير ۽ پارليامينٽ ۾ پارلياماني ليڊر چوڌري پرويز الاهي آهي. جڏهن ته ق ليگ جو اڳواڻ چوڌري شجاعت حسين آهي پر پي ٽي آءِ وارن سان حتمي ڳالهيون وري مونس الاهي ڪري رهيو آهي، هاڻي وڃجي ته ڪاڏي وڃجي؟ پر حقيقت ۾ سياسي صورتحال جيتري هينئر واضح آهي ايتري شايد پهريان نه هئي. جيڪي ق ليگ وارا صورتحال کي منجهيل بيان پيا ڪن، اهي پاڻ ئي پنهنجي ڳالهه تي مسڪرائيندي سوال به ڪندي نظر اچن ٿا ته چا چوڌري پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ڊزالو ڪري ڇڏيندو؟ جنهن جي جواب ۾ اهڙو موضوع شروع ٿي وڃي ٿو جنهن جو انت ان جملي تي ٿئي ٿو ته چوڌري پرويز الاهي آصف زرداريءَ سان رات جي ماني کائي دعا ڪرائڻ کان پوءِ صبح ٿيندي ئي بني گالا جو رخ ڪري سگهي ٿو ته هاڻ صبح جا ڀولا شام جو واپس چو نه ٿو اچي سگهي؟ هاڻ ته چوڌري پرويز الهائي پاڻ به پنهنجي مٿان بار لاهڻ جي چڪر ۾ عمران خان جي بيانيي خلاف به نظر اچي ٿو ته جنرل قمر جاويد باجوه ته عمران خان جي خلاف نه پر عمران خان جي حق ۾ وڃڻ لاءِ چوندو هو. جنهن جو مقصد ته چوڌري پرويز الاهي جيڪڏهن آصف زرداري واري ڪئمپ ۾ چوڌري شجاعت حسين کي اڪيلو ڪري جيڪو بني گالا پهتو هو ان ۾ ٻيو به گهڻو ڪجهه شامل هو. مطلب ته جيڪا شهرت يوٽرن جي حوالي سان عمران خان جي رهي آهي. هينئر چوڌري پرويز الاهيءَ لاءِ اهو سوال ٿي رهيو آهي ته اهو ڪڏهن ٿو يوٽرن وٺي عمران خان جي فيصلي خلاف اسيمبلي کي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪري ٿو؟ هونئن ته جيڪو عمران خان هر جڳهه تي سوال اٿاري رهيو آهي ته هن جمهوري نظام ۾ اسان پنهنجي ايف آءِ آر داخل نه ٿا ڪرائي سگهون. جنهن تي ن ليگ وارا چون ٿا ته پنجاب حڪومت به عمران خان جي پنجاب پوليس به انهن جي ته پوءِ عمران خان اهو سوال ڪنهن کان ٿو ڪري؟ ظاهر آهي ته عمران خان پنهنجي به وڏي مجبوري ته ظاهر ڪري ئي رهيو آهي پر ها به حقيقت آهي ته چوڌري پرويز الاهي عمران خان جي چوڻ تي وقت جي وزيراعظم شهباز شريف خلاف ايف آءِ آر داخل نه ڪرائي سگهيو.

چوڌري پرويز الاهي کي ته ڇڏيو هاڻ ته عمران خان جي پارٽي جو پنهنجو اڳواڻ ملڪ جو صدر عارف علوي به پاڻ سوچي فيصلا ڪري رهيو آهي، ان کان اڳ ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريفرنس وغيره جهڙا معاملا هجن. صدر عارف علوي ها ۾ ها ملائي ڇڏيندو هو جيڪو شروعاتي ڏينهن ۾ شهباز شريف جي حلف برداريءَ کان ويندي حمزه شهباز جي حلف برداريءَ واري تقريب تائين بيمار ٿي پوندو هو، جيڪو عمران خان لاءِ ايوان صدر ۾ پراڻي اسٽيبلشمينٽ دوران اهم ملاقاتون ڪرائيندو هو. هاڻ صدر عارف علوي پنهنجا فيصلا پاڻ سوچي سمجهي ڪندي نظر اچي رهيو آهي. جيڪو صدر عارف علوي شهباز شريف سان ملاقات کان اڳ بيمار ٿي پوندو هو، اهو هاڻ لاڳيتو اسحاق ڊار سان ملاقاتون ڪري رهيو آهي. نه رڳو اهو پر عارف علوي موجب اسحاق ڊار کي ڳالهيون ڪرڻ جو هنر به اچي ٿو، ان کان اڳ ته سنڌن دور ۾ اسحاق ڊار لنڊن ۾ جلاوطني واري زندگي گذاري رهيو هو. ڪيس وڊيو لنڪ وسيلي سينيٽر جو حلف کڻڻ کان به روڪيو پئي ويو. اهڙا قانون آندا پئي ويا جن ۾ رڳو اسحاق ڊار جي ميمبرشپ ختم ٿئي جنهن قانون موجب حلف نه کڻندڙ سينيٽر جي ميمبرشپ ختم ڪئي وڃي.

هاڻ ان اسحاق ڊار معرفت عارف علوي ڳالهيون ڪري عمران خان لاءِ سياسي ڏگ ڪولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اسحاق ڊار صبح جو عارف علوي سان ملي ٿو ته شام جو آصف زرداريءَ سان ملاقات ڪري ٿو، اهو ئي رڳو نه پر نوازشريف کي به قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. جڏهن ته چون ٿا ته نوازشريف ڳالهين جي حق ۾ ناهي.

نوازشريف جي پارٽي جي اڳواڻن جي هاڻ لنڊن کان واپسيءَ جو سفر شروع آهي. اسحاق ڊار کان پوءِ هاڻ شهباز شريف جو پنهنجو پٽ سليمان شهباز به اچي رهيو آهي. جنهن کان پوءِ نوازشريف جي واپسيءَ جو انتظار يا اهتمام پارٽي ڪندي نظر ايندي. اياز صادق وارا ته چون ٿا ته جنوريءَ ۾ نوازشريف واپس اچي ويندو مطلب ته نوازشريف جي واپسيءَ جو عمل شروع آهي. جڏهن ته ٻئي پاسي عمران خان خلاف سياسي ماحول اهڙو جڙي رهيو آهي جنهن ۾ لڳي ٿو ته عمران خان جيڪڏهن غير مشروط ڳالهين تي راضي نه ٿيو ته وڪڙ ۾ اچي ويندو عمران خان کي اليڪشن ڪميشن هڪ ئي وقت پنج نوٽيس اماڻي ڇڏيا آهن.

عمران خان کي چيف اليڪشن ڪمشنر خلاف بولي ڳالهائڻ جو به نوٽيس اماڻيو ويو آهي ته فارين فنڊنگ ڪيس جو نوٽيس به اماڻيو ويو آهي. عمران خان خلاف 13 ڊسمبر تي ئي سمورا پنج ڪيس هلندا جن ۾ سنڌس پارٽيءَ جي چيئرمين شپ خلاف ڪيس به شامل آهي. جيڪڏهن عمران خان خلاف فيصلو اچي وڃي ٿو ته پوءِ عمران خان ايندڙ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي پوزيشن ۾ به نه هوندو ٻئي طرف عمران خان کي گهڙيءَ وارو قصو به اچي ڳچيءَ ۾ پيو آهي. جو ان قصي جو انت ٿي ڪٿي نظر نٿو اچي. هينئر جيڪا عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي ۽ ذلفي بخاري جي آڊيو سامهون آئي آهي ان سان عمران خان جي توشه خانه واري ڪيس کي چڙ ته وزن ملي ويو آهي. تحريڪ انصاف وارن جو اهو موقف آهي ته بشريٰ بي بي جو سياست سان ڪو به تعلق ناهي ان خلاف ڳالهيون ٿيڻ نه گهرجن. جڏهن ته جيڪي هينئر تائين آڊيو ليڪس سامهون آيون آهن انهن ۾ سياست کان ويندي گهڙي ڪپائڻ جا قصا پڌرا ۾ اچي رهيا آهن. بشريٰ بي بي جي اها آڊيو به سامهون آئي آهي جنهن ۾ ارسلان بيٽا کي مخاطب ٿي هدايتون جاري ڪندي سياسي ٽريند هلائڻ جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي. ملڪ رياض جي هيرن واري هار جي آڊيو به آئي هئي. هينئر جيڪا آڊيو آهي اها ان سموري بحث جو تسلسل آهي. جنهن جو مقصد آهي ته عمران خان لانگ مارچ ڪرڻ باوجود پنهنجي لاءِ ڪو رستو اهڙو ناهي ڪڍي سگهيو. جنهن رستي ذريعي هو نئين چونڊ واري راهه ڪڍي سگهي. هونئن ته شهباز شريف آڊيو ليڪ واري معاملي تي چوي ٿو ته جيڪا منهنجي خلاف وزيراعظم هائوس جي آڊيو ليڪ ٿي هئي اها به چا مون پاڻ ڪئي هئي؟ هي جيڪو آڊيو ليڪ وارو قصو آهي ان جو ڪنٽرول ڪٿي به هجي پر اهو معاملو هينئر عمران خان لاءِ وڌيڪ ڏچا پيدا ڪري رهيو آهي.

عمران خان لانگ مارچ کان پوءِ جيڪو سياسي ڪارڊ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبليو ٽوڙڻ جي صورت ۾ استعمال ڪرڻ گهري ٿو ان حوالي سان به سنڌس پارٽيءَ جا اڳواڻ چون ٿا ته ان ۾ فائدو به آهي ته سياسي نقصان به آهي.

هڪڙي پاسي عمران خان لاهور ۾ ويهي اجلاس ڪري شاهه محمود قريشيءَ جي صورت ۾ پريس ڪانفرنس ۾ اسيمبليون ختم ڪرڻ واري موقف کي ورجائي ٿو ته ٻئي طرف انهن ئي اڳواڻن کي اطلاع ڏنا وڃن ٿا ته پي ٽي آءِ جا صوبائي ميمبر وزير ٿيڻ جون تياريون پيا ڪن. عمران خان جي پنهنجي پارٽيءَ جي اندر تضاد به ايئن سامهون اچي سگهن ٿا جيئن قومي اسيمبليءَ اندر مون کان پڇن ها ته چوان ها ته قومي اسيمبلي نه ڇڏيو.

هاڻ صورتحال ايتري واضح آهي جو عمران خان جيڪڏهن پنجاب اسيمبلي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته چا پرويز الاهي ان تي عمل ڪندو وارو سوال جيئن جو تيئن موجود آهي. جيڪڏهن عمل ڪيو ته ان سان شهباز شريف جي حڪومت ختم ٿيندي وارو سوال به واضح ناهي. نتيجي ۾ عمران خان جو سياسي ڏگ وري به اسحاق ڊار وارين ملاقاتن ئي ڪڍي سگهن ٿيون. اهو به تڏهن جڏهن عمران خان آصف زرداري ۽ شهباز شريف سان ڳالهين لاءِ تيار ٿي وڃي.

> اَچا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
> منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
> سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻ جون سَڏون ڪرين؟

اٽي ۽ ڀاڻ جي سرڪاري اگهه تي عمل ڪير ڪرائيندو؟

محمد خالد ميمڻ

اسان وٽ ته سرڪاري اعلان ٿين ٿا ۽ واه واه ٿيو ٿي وڃي ته واه سائين زبردست هن حڪومت ته وڏو ڪم ڪري ڇڏيو اعلان ٿيندي ئي سرڪار جي تعريف شروع ٿيو وڃي ۽ درباري قسم جا ماڻهو واه واه ڪندي ٿڪجڻ جو نالو ئي ناهن وٺندا پر ڪڏهن ڪنهن اهڙن سرڪاري اعلانن کي عملي جامو پهرائيندي ڏٺو آهي ڀيا ته سرڪاري اعلان پنهنجي جاءِ تي رڳو اعلان ئي رهيا آهن پر عوام لاءِ هن تجربيڪار ماڻهن تي مشتمل حڪومت تازو به اعلان ڪيا هيا هڪ اٽو 65 روپيا ڪلو ۽ يوريا ڀاڻ سستو ڪرڻ جا سرڪاري اعلان ڪيا ۽ وري هر تقرير ۾ سڀ سرڪاري نمائنده وڏي واڪي چوندا نظر ٿا اچن ته اسان عوام کي وڏو ريليف ڏنو آهي اٽو سستو ڪيو آهي زراعت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڀاڻ ڪلر سستو ڪيو آهي پر اصل زميني حقيقتون ته ان جي بلڪل ئي ابتڙ آهن ۽ اڳ ۾ ته جڏهن اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا گهٽ هئي ته چئي سگهجي پيو ته سرڪار کي اصل زميني حقيقتن جي شايد خبر نه هوندي پر هاڻي ته هر ذري پرزي جي جاڻ هڪ ننڍي ٻار کان ويندي پوڙهي پڪي ۽ حڪمرانن تائين پهچي ٿي وڃي چو ته هاڻي جاڻ جا ذريعا تمام گهڻا آهن پر پوءِ به سڀ خبرون هوندي به حڪمرانن نڪ جي پڪائي سان هرروز چون ٿا ڀيا ته اسان اٽو ۽ ڀاڻ سستو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو ثمر عوام کي باقائده ملي رهيو آهي جڏهن ته حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي اينگرو يوريا ڀاڻ جنهن جو سرڪاري اگهه 22 سئو روپيا آهي پر مارڪيٽ ۾ اها 3 هزار روپيا ٻوري ملي رهيو آهي ائين ڊي اي پي اين اي پي سونا يوريا سڀ ڪلر سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگهه تي وڪرو ٿي رهيو آهي ۽ ان جي ڪري اسان جا هاري سخت پريشان آهن چاڪاڻ ته تازو حاليه تباه ڪن برساتن سبب سنڌن جو تيار فصل مڪمل تباه ٿي ويو ۽ هاڻي وري نئون فصل پوکڻ لاءِ ڪين ڪلر به سرڪاري اگهه کان مٿي ملي رهيو آهي ته ان صورت ۾ سنڌ جو عوام ڪيئن تڪليفن ۽ مصيبتن مان نڪري سگهندو ۽ ٻئي پاسي اٽو جنهن لاءِ سنڌ سرڪار جي چوڻ مطابق ته اسان 11 سئو اٽي جا اسٽال لڳايا آهن جتي 65 روپيا ڪلو اٽو فراهم ڪيو پيو وڃي هاڻي ڪٿي پلا سنڌ سرڪار جي ان اعلان کي سچ مڃجي ته به سڄي سنڌ ۾ 11 سئو اسٽال لڳائڻ سان چا سنڌ جي سيني ماڻهن کي سرڪاري اگهه تي اٽو ملندو؟ ان بلڪل به نه سڄي سنڌ لاءِ 11 سئو اٽي جا اسٽال نه هجڻ برابر آهن ۽ جڏهن ته سرڪاري اٽو جيڪو فراهم ڪيو پيو وڃي اهو انتهائي ناقص قسم جو خراب ڪوالٽي جو هجڻ جون خبرون ملن پيون چو ته سرڪاري گدامن مان موڪليل ڪڻڪ جنهن ۾ هٿ سان مٽي واري بجري وغيره ملائي وزن پورو ڪرڻ هڪ معمول آهي اها ڪڻڪ فلورمل وارن کي موڪلي وڃي آهي جنهن سبب هڪ ته خراب گهٽ ڪوالٽي وارو اٽو ملي رهيو آهي ٻيو وري سنڌ جي سيني شهرن ۾ سستي ڪڻڪ جا اسٽال موجود نه هجڻ سبب اگر ڪنهن شهر ۾ اسٽال موجود آهن ته اتي وڏي رش هجڻ سبب عام عوام کي اٽو سستو نه پيو ملي اهوئي اٽو دڪاندارن کي ملڻ جون پڻ خبرون اچن پيون جنهن جي ڪري عام دڪاندار ساڳيو اٽو سئو روپيا ڪلو وڪرو ڪري رهيا آهن مطلب ته عوام کي ڪٿي به ڪو به ريليف نه پيو ملي ريليف رڳو اعلانن ۾ آهي باقي حقيقتون ان جي سراسر مختلف آهن ۽ اهي خبرون حڪمرانن کي به آهن پر انهن کي ڪابه ڳڻتي ناهي اهي رڳو عالمي برادري کان امداد وٺڻ ۽ اها مليل امداد ڦٻائڻ ۾ پوري آهي ۽ سرڪار جو بيوروڪريسي تي به ڪو به اثر ڪو به حڪم نه ٿو هلي پيو چو ته سياستدان خود انهن سان گڏ ڪرپشن ۾ شامل آهن جنهن جي ڪري بيوروڪريسي به هرهنڌ هر پراجيڪٽ ۾ گهپلا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ڪرڻ ۾ پوري آهي جنهن جو تازو مثال ايم 6 ميگا ڪرپشن اسڪينڊل آهي جنهن ۾ بيوروڪريسي ۽ سياستدان ملوث آهن ائين ئي برسات متاثرين جي آيل امداد ۾ پڻ گهوٻين جا اطلاع آهن ان ڪرپشن ۾ ملوث هجڻ ڪري بيوروڪريسي جو ٻين مسئلن ڏانهن ڪوبه ڌيان ناهي جيئن اڳ ۾ ڪٿي به ڪنهن مسئلي تي احتجاج ٿيندو هيو ته انتظاميه ان جو نوٽيس وٺي مسئلو حل ڪري ڇڏيندي هئي پر هاڻي عوام روزانه مختلف مسئلن سميت پاڻ ۽ اٽو سرڪار اگهه کان مٿي ملڻ بابت احتجاج ڪن ٿا پيا پر حڪمرانن سميت بيوروڪريسي جو ان طرف ڪوبه ڌيان ناهي ۽ ان جي ڪري وڏا سيڙپ ڪار عوام کي ٻنهين هٿن سان لٽي رهيا آهن ۽ عوام ڏانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهي پر سنڌن جون ڏانهون ڪوڪون رڙيون ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هاڻي عوام پلا ڪاڏي وڃي ۽ ڪير اٽي ۽ ڀاڻ جي سرڪار اگهه جي فراهمي واري سرڪاري اعلان تي عمل ڪرائيندو؟

بقايا 01

پوءِ هاڻ اين ايف سموري دنيا ۾ صفائيون پيش ڪري رهيو آهي. اسان نيب قانون کي بهتر ڪري ڇڏيو ته جيئن ڪنهن کي به انتقامي ڪارروائي جو نشانو نه بنايو وڃي. وفاقي وزير چيو ته عمران خان پنهنجي مٿان لڳايل الزامن جو جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نه آهي. آڊيو ۾ چون ٿا مرشد فڪر نه ڪريو جيئن چئو ٿا ائين ئي ٿي ويندو اوهان صرف گهڙي ناهي وڪرو ڪئي پر سمورو توشه خان وڪرو ڪري ڇڏيو ٺيڪيدارن کي گهرن تي گهرائي پئسا ورتا ويندا هئا. هنن جي گهرن ۾ نوٽ ڳڻڻ جي مشين به موجود هئي. راڻا ثناءالله چيو ته عمران خان وزيراعظم ٻڻجي ملڪ کي وڏو نقصان ڏنو هاڻ ڪيس ان جو ازالو ڪرڻ گهرجي. عمران خان ۽ شهزاد اڪبر کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڪوڙا الزام لڳائڻ تي پوري قوم کان معافي گهري ۽ پي ٽي آءِ جا ماڻهو چور ۽ ڪوڙي شخص کي چيئرمين جي عهدي تان هٽائين. گهرو وزير چيو ته پنجاب ۾ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عمران خان کي چئلينج ڪريان ٿو ته اگر مگر ڇڏي اسيمبليون ٽوڙي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبليون ٽٽيون ته 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿينديون ۽ ڪيس لڪڻ لاءِ به جاءِ نه ملندي. راڻا ثناءالله چيو ته عمران خان مون اوهان جو گهڻو انتظار ڪيو پر اوهان نه آيا، اوهان اسلام آباد ۾ جلسو به نه ڪيو ۽ راولپنڊي هليا ويا. اوهان کي پنجاب ۾ به شڪست ڏينداسين ايندڙ چونڊن کي ڇڏيو هن ئي چونڊن ۾ فيصلو ٿي ويندو. گهرو وزير چيو ته نوازشريف جي استقبال جون تياريون اڄ کان شروع ڪري ڇڏيون آهن. چونڊن جو اعلان ٿيندو ته پارٽي جي اڳواڻي لاءِ نوازشريف به پهچي ويندو. اسان اسيمبليون ٽوڙڻ جي به پر مدو پورو ڪرڻ جي حق ۾ آهيون عام چونڊون ايندڙ سال آڪٽوبر ۾ ٿينديون. هن چيو ته شهباز گل ۽ اعظم سواتي ڪابه سياسي ڳالهه نه ڪئي آهي پوءِ سياسي انتقام چاجي انهن مٿان سياسي انتقام ۾ ڪيس داخل ناهن ٿيا. منهنجي خلاف ڪيس عمران خان پاڻ ناهيو هو جنهن جا ثبوت اچي چڪا آهن جيڪي عدالت ۾ پيش ڪندس. گهرو وزير وڌيڪ چيو ته پرويز الاهي جي سياست هميشه رواداري تي رهي آهي. ڪمانڊ تبديلي جي تقريب ۾ ان سان ملاقات ٿي هئي. مون ڪيس ڊراپو ڏنو هو ته اوهان تي به پي ٽي آءِ جو رنگ چڙهي ويو آهي. راڻا ثناءالله چيو ته پرويز الاهي عمران خان جي ڳالهه جي حق ۾ نه آهي. پر اهو چوڻ ته هو اسان سان ملي سڀ ڪجهه ڪندو اهو صحيح نه آهي. عمران خان پرويز الاهي کان جيڪو لکرائي چڪو آهي اهو اڄ ئي پنجاب جي گورنر ڏانهن اماڻي مان منظور ڪرايان ٿو گهرو وزير چيو ته پرويز الاهي کي اڳ به وڏو وزير بنائڻ جون ڳالهيون ٿيون هيون جيڪڏهن هو وڏو وزارت ڇڏي اسان وٽ اچي ٿو ۽ ڪنهن ٻئي اڳيرائي تي تيار ٿئي ٿو ته ان باري ۾ سوچي سگهجي ٿو في الحال هو صرف تاريخون ڏئي رهيو آهي اسان هن جي چئلينج کي قبول ڪريون ٿا.

بقايا 02

چيپا، آرٽس ڪائونسل جي صدر محمد احمد شاهه، اداڪار ٻهروز سبزواري، جاويد شيخ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. سنڌ جي گورنر چيو ته ڪرپشن جو ناسور سماجي ۽ معاشي زندگي کي تباهي طرف وٺي وڃي ٿي، جيڪڏهن صاحب اختياريون پاڻ ئي بدنيت ٿي وڃن ته معاشري جي گڏيل بربادي جو عمل تيز ٿي وڃي ٿو. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ڦرڻ رقم وصول ڪري قومي خزاني ۾ جمع ڪرائڻ تي نيب قابل تعريف آهي.

هن وڌيڪ چيو ته نيب بدعنواني جي روڪٿام ۾ اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ نيب پاران بدعنوان عنصرن کان اربين رپين جي وصولي قابل تعريف آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته سرڪاري کاتن ۾ رشوت خوري سبب عوام مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ به ڌيان ڏيڻ گهرجي. تقريب کي محمد احمد شاهه، پروفيسر هما بقائي ۽ غلام نبي ميمڻ خطاب ڪيو ۽ ڪرپشن جي سببن، ان جي خاتمي جي قدمن ۽ ان حوالي سان نيب جي ڪردار تي روشني وڌي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل نيب ڪراچي جاويد اقبال چيو ته نيب ڪراچي سميت سڄي ملڪ ۾ نيب جون 7 ريجنل آفيسون ڪم ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته شڪايت جي وصولي ۽ جاچ جو شفاف نظام موجود آهي ۽ صرف انهن شڪايتن کي ممڪن ثبوتن سان اڳتي وڌايو ويندو آهي. هن چيو ته 1999ع ۾ پنهنجي قيام کان وٺي نيب ڪراچي کي 96000 کان وڌيڪ شڪايتون مليون آهن. جن مان 2297 جي جاچ ۽ 1176 جي جاچ ڪئي وئي، جنهن دوران احتساب عدالتن ۾ 919 ريفرنس داخل ڪيا ويا. هن 2022ع ۾ نيب ڪراچي جي ڪارڪردگي جو ذڪر ڪندي چيو ته هن سال 10 شڪايتن تي جاچ ۽ 5 جاچ ڪئي وئي، جڏهن ته 7 ريفرنسز ۾ 43 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته بدعنواني عنصرن کان هن سال 430 ملين رپيا وصول ڪيا ويا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته نيب بدعنواني خلاف حڪمت عملي تحت ڪم ڪري رهي آهي، جنهن ۾ آگاهي، روڪٿام ۽ خاتمو شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته آگاهي ۽ ان جي روڪٿام لاءِ سال ۾ ڪيترائي سيمينار ۽ تقريري مقابلا، پوسٽر ۽ ٻيون سرگرميون منعقد ڪيون وينديون آهن. سنڌ جي گورنر پاران ڪرپشن جي روڪٿام جي موضوع تي منعقد ڪيل تقريري مقابلي جي فاتح کي شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام تقسيم ڪيا ويا.

بقايا 03

43 هزار 261 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 16 ڊالر وڌڻ کانپوءِ 1800 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 04

ڪورٽ جي 2013 جي فيصلي خلاف نه آهي. ماهرن جي راءِ کان پوءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن معاهدو ڪيو سپريم ڪورٽ جي بئنچ پنهنجي راءِ ۾ لکيو ته ملڪي آئين قومي اثاثن جي قانون خلاف معاهدي جي اجازت نٿو ڏئي. صوبائي حڪومتن معدنيات جي حوالي سان قانون ۾ تبديلي ۽ ترميم ڪري سگهن ٿيون. عدالت چيو ته بلوچستان اسيمبلي کي به معاهدي تي اعتماد ۾ ورتو ويو هو جڏهن ته چونڊيل عوامي نمائندن به معاهدي تي ڪوبه اعتراض نه ڪيو معاهدي ۾ ڪابه غيرقانوني شق نه آهي. عدالت فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته بيرڪ گولڊ يقين ڏياريو آهي ته ليبر قانون تي عمل ڪيو ويندو. بيرڪ گولڊ ڪارپوريٽ سوشل ذميواري نڀائڻ جو به يقين ڏيارو آهي. فيصلي موجب پرڏيهي انويسٽمينٽ بل صرف بيرڪ گولڊ جي لاءِ نه آهي، اهو براس ڪمپني جي لاءِ آهي جيڪو 500 ملين ڊالر کان وڌيڪ جي سرمائيڪاري ڪندي سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني بينچ گڏيل راءِ تي ٻڌل فيصلي ۾ چيو آهي ته جسٽس يحيٰ آفريدي قرار ڏنو آهي ته ريفرنس جو ٻهريون سوال پاليسي معاملو آهي. جسٽس يحيٰ آفريدي سوال بابت نوٽ به لکندو ياد رهي ته هلندڙ سال 18 آڪٽوبر تي صدر عارف علوي ريڪوڊڪ معاهدي تي ريفرنس سپريم ڪورٽ ڏانهن اماڻيو هو جنهن ۾ عدالت سڳوري کان 2 سوالن تي راءِ گهري وئي هئي ۽ سپريم ڪورٽ ريفرنس تي 29 نومبر تي راءِ تي فيصلو محفوظ ڪيو هو.

بقايا 05

قومي اسيمبلي سيٽن جو انگ ٻيٽو ڪيو ان کان اڳ مرتضيٰ وهاب لکيو ته ڪراچي جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ تي بلاول ڀٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان.

بقايا 06

ٻئي وڃي. پيٽرول تي ليوي چارجز هن وقت 50 روپيه في ليٽر وصول ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سمورن پيٽروليم شين تي سيلز ٽيڪس اجان تائين ٻڙي آهي. ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمت هن وقت 224 روپيه 80 پئسا في ليٽر آهي. پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ هيٺ مٿاهين 15 ڊسمبر تي ٿيندي. اختيارين موجب اوگرا 15 ڊسمبر تائين تيل خريداري جي ورڪنگ پيٽروليم ڊويزن ڏانهن اماڻيندو ۽ اوگرا ورڪنگ 15 ڊسمبر تائين تيل جي خريداري تي ٻڌل هوندي. اوگرا ورڪنگ تي حتمي فيصلو ناڻي وارو وزير وزيراعظم سان صلاح مشوري کان پوءِ ڪندو.

بقايا 07

جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويون بالاڪرشنن سان ملاقات ڪئي. پرڏيهي وزارت موجب ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ سنگاپور جي ٻطرفن لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ ٻطرفن لاڳاپن ۽ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. ٻنهي پرڏيهي وزيرن ايشيا پيسفڪ ۾ آسيان جي قيادت هيٺ عمل جي لاءِ حمايت جو اظهار پڻ ڪيو ياد رهي ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري انڊونيشيا جي دوري کان پوءِ گذريل رات سنگاپور پهتو هو.

بقايا 08

جن پنگ چيو ته گذريل 5 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان ٻنهي ملڪن هڪٻئي جي حمايت ڪئي آهي. فلسطينين جي حقن ۾ انهن سان گڏ آهيون. هن چيو ته چين جي علائقائي صورتحال ۾ تبديلي کان هٽي ڪري چين سدائين فلسطيني عوام جي قانوني حقن ۽ قومي مفاد جي بحالي جي تحريڪ جي حمايت ڪئي آهي. سندس چوڻ هو ته چين فلسطيني پناهگيرن کي وڏي انگ ۾ ڪورونا ۽ ٻيون ويڪسينز فراهم ڪيون آهن ۽ اسان فلسطين جي معيشت جي بهتري لاءِ به هر ممڪن مدد ڪنداسين. فلسطيني صدر محمود عباس چيو ته فلسطيني عوام چين سان گهري دوستاڻي لاڳاپن تي فخر محسوس ڪري ٿو. چين اسان جو سچو ۽ اعتماد جوڳو دوست آهي. ان سدائين فلسطين جي سياسي، معاشي، اخلاقي سطح تي غير مشروط حمايت ڪئي آهي.

بقايا 09

ڪري ڇڏي. هن چيو ته ڪوشش ڪئي وڃي ته پروجيڪٽ جي تعمير سان روڊ تي عام ٽريفڪ جي رواني ۾ رڪاوٽ درپيش نه اچي. صوبائي وزير ڊي آءِ جي ٽريفڪ کي موثر ٽريفڪ پلان مرتب ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي آهي ۽ چيو ته يونيورسٽي روڊ تي ٽريفڪ اهلڪارن جي نفري وڌائي وڃي، ته جيئن يونيورسٽي روڊ تي سفر ڪرڻ وارن شهرين کي بهتر رهنمائي ٿي سگهي.

بقايا 10

۾ گهٽ گرمي پد 13 کان 15 ڊگري سينٽي گريڊ تي سگهي ٿو اربلي وارننگ سينٽر موجب اتر سنڌ سميت سڄي صوبي ۾ موسم خشڪ ۽ ٿڌي رهندي. صبح جي وقت ڪوهيڙو هوندو موسميات کاتي موجب جمعي جي ڏينهن شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ پارو 14.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ٿيو جڏهن ته هوا ۾ گهم 85 سيڪڙو رهي.

بقايا 11

تي نثار کهڙو چونڊجي ويو، عجيب ڳالهه آهي ته سپريم ڪورٽ ان شخص کي بحال ڪري رهي آهي. جنهن تي الزام هن چيو ته نثار کهڙي جي چونڊ قانوني طريقي سان ٿي، ڪيس کهڙي ڳالهه جي سزا ڏني پئي وڃي؟ جنهن ڏوهه ڪيو ان کي بحال ۽ چونڊيل کي ڊي سيٽ ڪيو ويو. عدالت جو فيصلو بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ فيصل واوڊا کي سينيٽ سيٽ تي بحال ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 12

آهي. ڪرپشن جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم جيو آهي ته معاشرتي اقتدار جو زوال ڪنهن به معاشري کي ڪرپشن جي شرح ۾ اضافي جو سبب بڻجي ٿو. ڪرپشن سبب ملڪ ۽ قوم جو پئسو شريسند عناصر جي هٿن ۾ وڃڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي. شهباز شريف چيو ته ڪرپشن سبب امن تباهه ۽ ادارا ڪمزور ٿيندا آهن ۽ عوام جو گورننس کان پروسو ختم ٿيندو آهي. اچوڪي

ڏينهن تي اسان کي عهد ڪرڻو پوندو اسان سيٽي ملڪي ڪرپشن خلاف جنگ ۾ سرخرو ٿينداسين. مسلم ليگ (ن) هميشه ملڪ مان ڪرپشن جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته 2013 کان 2018 تائين مسلم ليگ (ن) جي حڪومت واري دور ۾ ڪرپشن جي شرح هيٺ آئي. اربين ڊالرن جي سي پيڪ ۽ ٻين ترقياتي منصوبن ۾ هڪ ٽڪي جي به ڪرپشن ثابت نه ٿي سگهي. پاڪستان جي سياست ۽ ڪرپشن انتقام جو ذريعو بڻائڻ جو رواج ختم ڪرڻو پوندو جهڙي طريقي سان ڪرپشن جا ڪوڙا الزام لڳائي سياسي مخالفن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو ان جو مثال ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نٿي ملي. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته گذريل دور ۾ ڪرپشن جا ڪوڙا الزام لڳائي سياسي مخالفن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو ڪرپشن ذريعي ذاتي انتقام وٺڻ لاءِ مخالفن کي اوزار جي طور تي استعمال ڪيو هن چيو ته ڪرپشن جي روڪٿام لاءِ سمورن سياسي حلقن کي ملي هڪ واضح روڊ ميپ ناهڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 13

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان جي سيڪريٽري يوسف خان ۽ ڊائريڪٽر جنرل آپريشنل مئنيجر حماد مري پڻ ساڻس گڏ هئا. وفاقي وزير ۽ چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شازيه عطا مري بي آئي ايس پي جي سينٽرل زون آفيس مختلف سيڪشنز جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل بي آئي ايس پي سينٽرل زون سنڌ سيد امتياز علي شاهه کين ڪاتي جي ڪارڪردگي جي باري ۾ بريفنگ ڏني. وفاقي وزير شازيه مري چيو ته اسان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نظام ۾ آساني ۽ ان ۾ وڌيڪ بهتري جي لاءِ پرعزم آهيون. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو وٺڻ وارن جي مسئلن ۽ سندن شڪاين تي ترجيحي بنيادن تي حل ڪن.

بقايا 14

هو ته ريفرنس جي شريڪ جوابدارن ڪيس ٻي عدالت منتقل ڪرڻ جي درخواست سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي آهي ڪيا سراج دراني جي وڪيل سان ڳالهائيندي جج لڳايل آهي عدالت جو جج رٽائرڊ ٿي ويو آهي. هاڻي 22 ڊسمبر جي تاريخ ملي آهي نئون ايڊمنسٽريٽر ڪراچي سلو ماڻهو آهي، اڳ به مختلف کاتن ۽ عهدن تي ڪم ڪيو آهي، 4 سال تي ريا آهن پر منهنجي خلاف ڪيس ۾ ڪا اڳيرائي نه ٿي آهي نيب کي ختم ٿيڻ گهرجي پر ڊسڻ نٿا چا نه ٿئي، منهنجي سڀ جيل ۾ هوندي پروٽوڪول وٺڻ جي ڳالهه غلط آهي.

بقايا 15

بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد دوري دوران واٽر بورڊ جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته واٽر بورڊ سجو سال شهرين کي سوين ڪلوميٽر پري کان مسلسل پاڻي فراهم ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته واٽر بورڊ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي خدمتن کي ساراهيندي آئون کين خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. ان موقعي تي سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان جو چوڻ هو ته واٽر بورڊ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي پرپور تعاون ۽ ڏينهن رات خدمتن سبب سڄي شهرين کي پاڻي جي فراهمي جو سلسلو مسلسل 24 ڪلاڪ جاري آهي. دوري جي پڄاڻي تي چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر انتخاب احمد راجپوت، ڊپٽي چيف انجنيئر اي اينڊ ايم واٽر جميل احمد انصاري ۽ ريزيڊنٽ انجنيئر ڊابيجي پمپنگ اخلاق احمد راجپوت پاران سي اي او واٽر بورڊ ۽ سي او واٽر بورڊ سميت ٻين آفيسرن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي جا تحفا پڻ پيش ڪيا. دوري دوران چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ڊابيجي پمپنگ بدرالحق شيخ، ريزيڊنٽ انجنيئر ڊابيجي پمپنگ اخلاق احمد راجپوت، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر بلڪ اقبال عمر پليجو، ايگزيڪيوٽو انجنيئر گهارو ۽ سول اشفاق نبي پليجو، ريزيڊنٽ انجنيئر گهارو پمپنگ نديم عزيز، ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاليجي سول محمد علي پليجو ۽ واٽر بورڊ جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا 16

ته هتن کي خبر پئجي ويندي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي پيغام ۾ شيخ رشيد احمد لکيو ته مسئلا انتها تي پهچي ويا آهن جو حڪومت ڪان ملڪ نه پيو هلي سگهي، وقت کان اڳ چونڊون ئي سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جو ڪارائتو آهن. حڪومت دير ڪئي ته گاڏي نڪري ويندي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته ارشد شريف جي قتل کان پوءِ جوڙيل جي آءِ ٽي تي اهم ذميواري اچي وئي آهي چو ته

ادارا ۽ عدليه ٻئي اهم آهن 4 ڏينهن لاءِ عمري تي آيل آهيان چو ته هتان کان ئي سڀ ڪجهه ملندو آهي. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته 300 روپيه ڪلو بصر ۽ 200 روپيه ڪلو ٽماٽا وڪرو ٿي رهيا آهن غريب ماڻهو چا کائيندو؟ زرعي ملڪ غذائي ڪوٽ جو شڪار ٿي سگهي ٿو پي ڊي ايم لاءِ عوام آڏو هٿيار اڇلائڻ جو آخري موقعو آهي. راندين تي پابندي، ترسيلات گهٽ، ڊالر جا اگهه وڌي ويا آهن. هن ملڪ ۾ هاڻ مسئلا حل ڪرڻ جو هڪڙو ئي حل آهي ۽ اهو حل وقت کان اڳ چونڊون آهن.

بقايا 17

سيڪيورٽي حالتن بابت ڏنل بيان تي سخت تنقيد جو نشانو بنايو آهي. بيرسٽر محمد علي سيف سنڌ سماءَ جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ کي تنقيد جو نشانو بنائيندي چيو آهي ته شرجيل ميمڻ جي مثال ان ڏيڏر جهڙي آهي جيڪو کوهه ۾ ٿي چڙهي چوندو آهي ته ڪشمير نظر اچي پيو. شرجيل ميمڻ جي نظرون سنڌ تي نئين ٻون ٻر ڪيس خيبرپختونخواهه نظر ايندو آهي. هن چيو ته شرجيل ميمڻ خيبرپختونخواهه ۾ امن امان بابت وڏيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي ڪراچي ۾ جيترا ڏوهه ٿي رهيا آهن ايترا سموري پاڪستان ۾ ناهن ٿيندا. ڪي پي ڪي ترجمان وڌيڪ چيو ته ڪراچي پيپلز پارٽي جي حڪومت واري دور ۾ ڏوهارين جو گڙهه بڻجي چڪو آهي هتي جي ناهلي سبب ڪراچي جي ڏارين جي لوڙ اچي رهي آهي. سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ به پوليس اهلڪار محفوظ نه آهن بيرسٽر محمد علي سيف وڌيڪ چيو ته شرجيل ميمڻ خيبرپختونخواهه اچي ڪيس سيڪيورٽي گارڊ کان سواءِ گهمائي ڏيکارينداسين. شرجيل ميمڻ ڏوهارين ڳالهين ڪرڻ ڇڏي سنڌ جي حالتن تي ڌيان ڏئي.

بقايا 18

جمهوريت پسند آهيون. چاهيون ٿا ته اسيمبليون مدت پوري ڪن. هن نواز شريف جي واپسي جي تاريخ نه ٻڌائي پر چيو ته جلد هو وطن ورندو. پاڪستان جو ٽي ڀيرا وزيراعظم رهندڙ ميان نواز شريف عمران خان جي حڪومت ۾ جيل ۾ هو ته بيماري سبب ڪيس علاج لاءِ 2019 ۾ لنڊن موڪليو ويو هو. شهباز شريف جي وزيراعظم ٿيڻ بعد سندس جلاوطن ٻيو نمبر پٽ سليمان شهباز لنڊن مان جدي پهچي ويو آهي ۽ عمرو ادا ڪرڻ بعد سيائي چنچر تي پاڪستان پهچي رهيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ايف آءِ اي کي هدايت ڪئي آهي ته هوائي اڏي تي وطن پهچڻ وقت ڪيس گرفتار نه ڪيو وڃي. هو وطن پهچي عدالتن ۾ پيش ٿي ڪيسن کي منهن ڏيندو. راڻا ثناءالله ٻڌايو ته اسين پنجاب جي 9 ڊويزنن جي اليڪشن جي تياري لاءِ ان ڊويزنن ۾ ورهايو آهي ۽ هر حلقي ۾ ٻن اميدوارن کي نامزد ڪيو ويندو، حتمي فيصلو ميان نواز شريف ڪندو. هن چيو ته عمران خان جي ڏمڪين کان نٿا ڊڄون، ڀلي اسيمبليون ٽوڙيو اسين چونڊن لاءِ تيار آهيون ۽ پي ٽي آءِ کي شڪست ڏينداسين.

بقايا 19

تحقيقاتي اداري طرفان ٻن مهينن کان به گهٽ عرصي ۾ ٻيو ڀيرو گرفتار ڪيو هو سينيٽر فوجي اڳواڻن بابت سخت لفظن ۾ ٽوئيٽس ڪرڻ تي ـ ايف آءِ اي ـ اليڪٽرانڪ ڪرائمز ايڪٽ 2016 (پيڪا) جي سيڪشن 20 تحت ڪيس داخل ڪيو هو جيڪو ڪنهن شخص جي وقار جي خلاف ڏوهن سان واسطو رکي ٿو. الڳ الڳ، هن کي بلوچستان ۽ سنڌ ۾ "توهين آميز ٻولي" استعمال ڪرڻ ۽ "عوام کي فوج خلاف ڀڙڪائڻ" جي ڪيترن ئي الزامن هيٺ ايف آءِ آرز ۾ پڻ نامزد ڪيو ويو هو سواتي جي گرفتاري ڪانپوءِ گذريل جمعي ڏينهن سخت سيڪيورٽي ۾ خصوصي اڏام ذريعي ڪوئيٽا منتقل ڪيو ويو هو جڏهن ته اسلام آباد جي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪيس بلوچستان پوليس حوالي ڪيو هو بعد ۾ سينيٽر کي اڄ تي 5 ڏينهن لاءِ پوليس جي ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو هڪ ڏينهن بعد سندس پٽ عثمان سواتي سينيٽر سواتي خلاف داخل ايف آءِ آرز خلاف بي ايڇ سي سان رجوع ڪيو ۽ عدالت صوبائي حڪومت ۽ اختيارين کي سينيٽر خلاف وڌيڪ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو جسٽس محمد هاشم خان ڪاڪڙ اڄ پيهر درخواست تي ٻڌائي ڪئي ۽ سواتي خلاف ڪيترائي ڪيس داخل ڪرڻ تي پوليس کي ڇنڊ پڇ ڪئي. "چا بلوچستان جي آءِ جي (انسپيڪٽر جنرل آف پوليس) کي انهن پنجن ڪيسن جي داخل ٿيڻ جي خبر آهي؟ هن سوال ڪيو پوليس جج کي آگاهه ڪيو ته آءِ جي کي ايف آءِ آر جي خبر ناهي، جنهن بعد جسٽس ڪاڪڙ ريمارڪس ڏنا ته سواتي جي ريمانڊ ۾ وڌيڪ واڌ جي ضرورت ناهي. هن پڇائو ڪيو ته پهريون ريمانڊ کهڙي بنياد تي منظور ڪيو ويو؟ جڏهن پوليس جج جي ريمارڪس کي ورجايو ته سواتي جي ريمانڊ جي

وڌيڪ ضرورت ناهي. جسٽس ڪاڪڙ ريمارڪس ڏنا ته پوليس اهڙا قدم چو کڻي رهي آهي جنهن سبب ڪين ۽ عدالت کي منهن لڪائڻو پوي؟ ان کان پوءِ هن پوليس کي هدايت ڪئي ته صوبي ۾ سينيٽر خلاف داخل ڪيل سمورين ايف آءِ آرز رد ڪيون وڃن ۽ جيڪڏهن مٿس ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته ڪيس آزاد ڪيو وڃي. سواتي کي اڄ عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو. پر ايڊووڪيٽ جنرل آصف ريڪي، سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (انويسٽيگيشن) اسد ناصر ۽ سواتي جو پٽ عثمان پيش ٿيا.

بقايا 20

35 جڻن کي سيائي طلب ڪري ورتو جي آءِ ٽي پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ فيصل واوڊا کي طلبي لاءِ خط جاري ڪيو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته فيصل واوڊا عمران خان جي حلفي بيان جي جاچ ۾ شامل ٿئي. خط ۾ چيو ويو آهي ته فيصل واوڊا سمورن دستاويزن، قومي سڃاڻپ ڪارڊ سان گڏ سيائي پيش ٿئي. جي آءِ ٽي طرفان ياسمين راشد، حماد اظهر، فيصل جاويد، عمران اسماعيل، عمر سرفراز چيما کي پڻ طلب ڪيو ويو آهي. جي آءِ ٽي انهن اڳواڻن سميت 35 جڻن کي سيائي پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 21

بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ملازمن کي 124 ارب رپيا واجب الادا آهن. مجموعي طور تي 30 ارب رپين جي ضرورت آهي قرض، راڄيات، خرچن ۽ مختلف قسم وغيره جي ادائگي لاءِ اها رقم درڪار آهي. "2003-4 اسٽيل ملز ويهه سيڪڙو منافعي تي هئي ٻر 2008-9 ۾ ان کي بين الاقوامي ڪساد بازاري ۽ ٻين ڪيترن ئي سببن جي ڪري 26 ارب رپين جو نقصان ٿيو." هڪ PSM اهلڪار جي اجلاس کي آگاهي. وڌيڪ چيو ويو ته پي ايس ايم جي 2008-9 ۾ هلائڻ لاءِ 20 ارب رپين جو بيل آئوٽ پيڪيج تمام ضروري هو پر ڪا خاص رقم وصول نه ٿي سگهي هئي. هاڻ ملز 2015 کان بند پيل آهن. نجڪاري ڪميشن جو پي ايس ايم جي ڪجهه حصن کي پرائيويٽائيز ڪرڻ جو منصوبو آهي. چئن چيني ڪمپنين کي شارٽ لسٽ ڪيو ويو آهي پر معاملو وڏي پئماني تي قرضن جي ادائگي جو آهي جي سي سي ڪابينا 19.6 بلين رپين جي ريٽائرمينٽ جي لاءِ ادائگي جي منظوري ڏني آهي. 49.9 سيڪڙو مزدورن کي اڳي ئي فارغ ڪيو ويو آهي. پي ايس ايم ۾ چوري بابت سوال جو جواب ڏيندي هڪ آفيسر ٻڌايو ته هڪ آفيسر کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو آهي.

بقايا 22

ڪاتن جو اجلاس ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر سيف الرحمان چيو ته ڪي ايم سي اڄ کان پارڪنگ في نه اوڳاڙيندي، پارڪنگ عملي کي هٽايو وڃي ۽ نيلامي ٿيڻ تائين شهرين لاءِ پارڪنگ مفت هوندي. هن چيو ته زو، سفاري پارڪ ۽ ٻين پارڪن ۾ ڪي ايم سي ملازمن جا نيڪا هلي رهيا آهن. اڄ کان ڪي ايم سي جي ملازمن جا سمورا نيڪا بند ڪيا وڃن، ڪي ايم سي جا آفيسر ۽ عملو پارڪنگ يا ڪو پيو ڪانٽريڪٽ نه هلائيندا. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي هڪ هفتي اندر ڪي ايم سي جي دڪانن جا ڪرايه وڌائڻ جو اعلان ڪندي هدايت ڪئي ته پهرين مرحلي ۾ 28 وڏن روڊن جي فوري مرمت ڪئي وڃي ۽ روڊن جي وچ ۾ گرين بيلٽ تي وڻ لڳايا وڃن. مون پيڇسٽل برجزجي فوري مرمت ڪئي وڃي جڏهن ته ڪراچي ۾ حدخلين خلاف ڪارروائي جاري رکي وڃي. هن هدايت ڪئي ته روينيو ڪاتو ۽ ڪمرن جو هدف پورا ڪري. لينڊ ڪاتو ملڪيتن ۽ گهرن جو رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ ڪري.

بقايا 23

سگا جي چيئرپرسن علي حسين بروهي، سيڪريٽري جنرل ولي محمد روشن ۽ ٻين عهديدارن طرفان پنهنجي بيان ۾ بدين شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڏارين جي ٿيندڙ والار، زمينن تي ٿيندڙ قبضن بابت منظر عام تي آيل ميڊيا رپورٽن تي پنهنجي سخت ردعمل جو اظهار ڪيو آهي ۽ بدين جي زمينن جي لاهور جي روينيو بورڊ طرفان پراڻن ڪاغذن ۽ افغانين کي ڪيل الاٽمينٽ وارو جعلسازي تي سخت احتجاج ڪيو آهي. سگا اڳواڻن جو چوڻ هو ته اهڙا اطلاع ملي رهيا آهن ته، بدين ۾ پڻ ڪراچي جي ٻحريا ٽائون جهڙي ڪنهن منصوبي جي آڏوت لاءِ بدين جون هزارين ايڪڙ زمينون حاصل ڪيون پيون وڃن ۽ بدين ۾ ڏارين جي آبادڪاري جي ڪنهن منصوبي تي ڪم ڪيو پيو وڃي. سگا اڳواڻن جو چوڻ هو ته بدين جي ماڻهن کي سندن زمينن جي مليل الاٽمينٽ جي باوجود انهن جي ملڪيتن تي ڏارين طرفان قبضا ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ ڪارروائيون ۽ ملندڙ ڌمڪيون

افسوسناڪ آهن سگا اڳواڻن بدين جي هزارين ايڪڙ زمينن تي ٿيندڙ ڏارين جي والار کي ڌرتي ڌڻين جي حق تلفي ۽ انهن سان ظلم قرار ڏنو ۽ ترجي ماڻهن ۽ آبادين کي سندن زمينن تان بي دخل ڪرڻ لاءِ قبضا مافيا طرفان ملندڙ ڌمڪين تي پنهنجي سخت ردعمل جو اظهار ڪيو آهي ۽ سنڌ سرڪار کان اها گهر ڪئي آهي ته بدين ۾ ڌرتي ڌڻين جي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ کين ڏارين ۽ قبضا گيرن طرفان ملندڙ ڌمڪين ۽ ٿيندڙ والار واري سامهون آيل معاملي تي بدين ضلعي جي انتظاميا کي ترت ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ۽ بدين ضلعي سميت سنڌ جي سمورن علائقن ۾ ٿيندڙ قبضن ۽ جعلسازي وارن ڏوهن خلاف سخت قدم کنيا وڃن صوبي ۾ وڌندڙ ڏارين جي والار ۽ قبضا گيرن جي ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ لازمي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي عوام جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 24

جو شعبي ۾ عدليه ٽئين نمبر تي آهي. رپورٽ ۾ تعليم جو شعبي کي ڪرپٽ ادارن ۾ چوٿون نمبر ڏنو ويو آهي. ان کان سواءِ نيب سميت اينٽي ڪرپشن ادارن تي به بي اعتمادي جو اظهار ڪيو ويو آهي. سنڌ جو سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ تعليم شعبو قرار سروي رپورٽ ۾ سنڌ صوبي ۾ تعليم جي شعبي کي سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ قرار ڏنو ويو آهي. ان حوالي سان ڪراچي جي تعليم واري سيڪريٽري اڪبر لغاري ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي مون سان ڪا به ملاقات ناهي ٿي. مون کي اهڙي ڪنهن به رپورٽ جي خبر ناهي. تعليم واري سيڪريٽري چيو ته جيڪڏهن ڪا اهڙي رپورٽ آهي ته مان نه ٿو مڃان. مفروضن تي ٻڌل رپورٽ نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ثبوت آهي ته ڏيو عدالت استادن جي روزاني مانيٽرنگ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پرتين جي عمل ۽ تعليم ڪاتو شفاف آهي. جيڪڏهن ڪا شڪايت آهي ته ان تي ڪارروائي ڪنداسين. ان کانسواءِ پنجاب ۾ پوليس، خيبرپختونخواهه ۾ عدليه، بلوچستان ۾ ٽينڊرنگ ۽ ٺيڪيداري کي ڪرپٽ ادارا قرار ڏنو ويو. رپورٽ موجب پاڪستانين جو خيال آهي ته خدمتن جي فراهمي ۾ تمام گهڻي ڪرپشن آهي.

بقايا 25

چيو ته آئين تحت ڏنل اصولن ۽ دائرن کي احترام ڏيو ۽ سڀ ادارا پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن. هن چيو ته جڏهن اسان اندروني طور ڪمزور هوندا آهيون ته دنيا به اسان جي ڪمزورين جو فائدو کڻندي آهي. 70 سال اڳ اسان طاقتور هئاسين ۽ هاڻ ڪمزور آهيون. اڄ اسان ملڪ کي ايترو هيٺ جو آڻي ڇڏيو آهي. اسان ملڪي معيشت جي حوالي سان پريشان آهيون. سندس چوڻ هو ته اسان جي سڀ کان وڏو مسئلو معاشي بدحالي آهي. پاڪستان جي معيشت بدڙي وئي آهي. اسان کي ان صورتحال مان نڪرڻو آهي ۽ ملڪ کي مستحڪم ڪرڻو آهي. جيڪڏهن سياسي ۽ معاشي استحڪام گهرجي ته اسان کي مستحڪم دفاع ۽ ادارا گهرجن. جيڪڏهن دفاعي ادارا پنهنجي حدن ۾ رهيا ته اسان انهن کي سلام ڪنداسين. فضل الرحمان چيو ته اسان کي سيني صوبن جي حق تسليم ڪرڻو پوندو. ڪنهن صوبي تي ڪنهن اداري جي بالادستي قبول ناهي. 18 هين ترميم تحت صوبن کي ڏنل اختيارن تي عملدرآمد جي گهٽتائي آهي. هر صوبو پنهنجي وسيلن جو پاڻ وارث آهي. ڪو پيو صوبو ان تي قبضو نٿو ڪري سگهي.

بقايا 26

تي ٻڌائي ٿي، اعظم سواتي جي پٽ والد خلاف ڪيس ختم ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي اعظم سواتي خلاف ڪچلاڪ، حب، ژوب سميت 5 علائقن ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي، بلوچستان پوليس اعظم سواتي کي اسلام آباد مان گرفتار ڪري ڪوئيٽا آندو ۽ ڏينهن اڳ بلوچستان هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ وڌيڪ ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو اجوڪي ٻڌائي تي بلوچستان هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي خلاف داخل سمورين ايف آءِ آرز ڪالعدم قرار ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 27

مڪمل انصاف کي يقيني بڻائيندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ ڪميشن آن وومن اسٽيٽس جي تحت ڪراچي بار سان خطاب جي دوران ڪيو ان موقعي تي ڪميشن جي چيئرپرسن نذهت شيرين ۽ وڪيلن جي وڏي تعداد موجود هئي. هن چيو ته گهٽ عمر وارين ڇوڪرين جي زبردستي شاديون ۽ عورتن جي خلاف تشدد جي واقعن جي روڪٿام لاءِ اسان ڪم ڪري رهيا آهيون. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو نٿو ٿي سگهي ته هر گهر ۾ پوليس جي حفاظت لاءِ

ويهاريو وڃي ڪيترين زبردستي شاديون لڪي ڪري ٿي رهيون هونديون آهن تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪوئي ڪيس سامهون ايندو آهي ته ان تي فوري انصاف ملڻ تي ڏوهاري کي خوف رهندو آهي. هن چيو ته گذريل ڏينهن پڻ لانڍي ايريا ۾ واقعو پيش آيو جتي ٻارڙي سان ڏاڍائي ۽ قتل جي تصديق ٿي پر ٻارڙي جي گهروارا چوندا رهيا ته ٻارڙي خودڪشي ڪئي آهي. هڪ 13 سالن جي ٻارڙي چوءِ ته ڪيئن خودڪشي ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته گهٽوڪري اسان کي گهر مان ئي انصاف ناهي ملندو. اسان جهڙي قسم جا به مقدما داخل ڪرايون ته ان جي ٻڌائي ان قدر وڌي ٿي ويندي آهي ته انصاف لاءِ درخواست ڪرڻ پا ته ان ڏانهين ڌياءَ جو شڪار ٿي ڪري صلح صفائي ڪري وٺندا آهيون يا انصاف جي وڏي انتظار ڪرڻ سان بدلجي ويندا آهن. هن چيو ته جيڪڏهن انصاف جلد ملي وڃي ٿو ته معاملا ڪافي حد تائين بهتر ٿي سگهن ٿا.

بقايا 28

گلفام ڪاظمي وائيس چيئرمين سردار اياز ميمڻ انفارميشن سيڪريٽري عبدالرحيم ميمڻ فوڪل پرسن اسلام آباد نعيم هالو ارباب سمير لاکو جي قيادت ۾ گورنر گلگت بلتستان سيد مهدي شاهه سينيٽر منسٽر ڪلائيميٽ چينج شيري رحمان وفاقي وزير پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ احسن اقبال ۽ ڊپٽي اسپيڪر زاهد اڪرم دراني سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون.

بقايا 29

پوليس حوالي ڪيو ويو اعظم سواتي جي وڪيل جو چوڻ آهي ته سنڌ پوليس اعظم سواتي کي حراست ۾ ورتو آهي، ڪيس خاص جهاز ذريعي سنڌ منتقل ڪيو پيو وڃي. ان حوالي سان قاسم سوري جو چوڻ آهي ته اعظم خان سواتي کي سنڌ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. بلوچستان هاءِ ڪورٽ مان آزادي واري حڪم ڪانپوءِ ڪيس سنڌ حڪومت حوالي ڪرڻ افسوسناڪ آهي.

بقايا 30

عورت کي مصالحي وارو ڪاڏو پيش ڪيو ويو، عورت پنهنجي ڪمزور ٻت سبب مصالحي دار ڪاڏو کائڻ بعد کنگهه ۾ ٻتجي وئي. شنگهائي سان واسطو رکندڙ عورت چيو ته پهريان مان سوچيو ته مون کي ڏاڍ رنگ ٿيو آهي پر مون کي اميد نه هئي ته مان هلي به نه سگهنديس. عورت موجب ڪيس ويجهي اسپتال نيو ويو جتي سي ٽي اسڪين ۾ خبر پئي ته سندس چار هڏيون ڀڄي پيون آهن. ڊاڪٽرن سندس علاج ڪيو آهي ۽ هاڻي ڪيس آرام جي صلاح ڏني آهي.

بقايا 31

حب، ژوب سميت پنج علائقن ۾ ايف آءِ آر داخل هيون ۽ بلوچستان پوليس اعظم سواتي کي اسلام آباد مان گرفتار ڪري ڪوئٽا ڪئي آئي هئي ٻه ڏينهن اڳ بلوچستان هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ وڌيڪ ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو اجوڪي ٻڌائي ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي خلاف صوبي ۾ داخل سمورين ايف آءِ آرز ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا 32

ڪورٽ جي 2013 جي فيصلي خلاف نه آهي. ماهرن جي راءِ کان پوءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن معاهدو ڪيو سپريم ڪورٽ جي بئنچ پنهنجي راءِ ۾ لکيو ته ملڪي آئين قومي اثاثن جي قانون خلاف معاهدي جي اجازت نٿو ڏئي. صوبائي حڪومتن معدنيات جي حوالي سان قانون ۾ تبديلي ۽ ترميم ڪري سگهن ٿيون. عدالت چيو ته بلوچستان اسيمبلي کي به معاهدي تي اعتماد ۾ ورتو ويو هو جڏهن ته چونڊيل عوامي نمائندن به معاهدي تي ڪوبه اعتراض نه ڪيو معاهدي ۾ ڪابه غيرقانوني شق نه آهي. عدالت فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته بيرڪ گولڊ يقين ڏيارو آهي ته ليبر قانون تي عمل ڪيو ويندو. بيرڪ گولڊ ڪارپوريٽ سوشل ذميواري نڀائڻ جو به يقين ڏيارو آهي. فيصلي موجب پرڏيهي انويسٽمينٽ بل صرف بيرڪ گولڊ جي لاءِ نه آهي، اهو براس ڪمپني جي لاءِ آهي جيڪو 500 ملين ڊالر کان وڌيڪ جي سرمائيڪاري ڪندو سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني بينچ گڏيل راءِ تي ٻڌل فيصلي ۾ چيو آهي ته جسٽس يحيٰ آفريدي قرار ڏنو آهي ته ريفرنس جو ٻهريون سوال پاليسي معاملو آهي. جسٽس يحيٰ آفريدي سوال بابت نوٽ به لکندو ياد رهي ته هلندڙ سال 18 آڪٽوبر تي صدر عارف علوي ريڪوڊڪ معاهدي تي ريفرنس سپريم ڪورٽ ڏانهن اماڻيو هو جنهن ۾ عدالت سڳوري کان 2 سوالن تي راءِ گهري وئي هئي ۽ سپريم ڪورٽ ريفرنس تي 29 نومبر تي راءِ تي فيصلو محفوظ ڪيو هو.

بقايا سنڌيار 01

جو چڪاس ڪرڻ بعد مفت دوائون ڏنيون ويون: مفت طبعي ڪئمپ ۾ مليريا ڪارنر، اي پي آئي ڪارنر، وومين ميڊيڪل آفيسرز، ميل ميڊيڪل آفيسرز،پيڊياٽريشن، نيوٽريشن ڪارنر،مفت ميڊيڪل اسٽور سميت ايمرجنسي لاءِ ايمبولنس پڻ موجود هئي. مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ سون جي تعدا ۾ عورتن،مردن سميت ٻارڙن جو چڪاس ڪرڻ بعد مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون جڏهن ته چمڙي جي ماهر ڊاڪٽر پچن لالا سميت ٻين ماهر ڊاڪٽرن مريضن مفت چڪاس پڻ ڪيو. ان موقعي تي روٽري ڪلب دادو جي صدر عبدالرحمن چنه ۽ سگا شاخ جي اڳواڻ محمد اعظم ميمڻ چيو ته برسات ۽ ٻوڏ بعد مليريا ،ڊائريا، گيسٽرو،ڪنگهي،ٻخار، ڪنگ ۽ چمڙي جي بيمارين سميت موضي مرض به وڌي ويا آهن جنهن جي خاطمي لاءِ سگا ۽ روٽري پاران مختلف هنڌن تي مفت ڪئمپون لڳايون وڃن ٿيون. جڏهن ته ڪئمپ ۾ ڪينسر جي مريضن جو روٽري ڪلب دادو پاران پنهنجي خرچ تي اعلاج ڪرائڻ جو به پڻ اعلان ڪيو ويو.ڪئمپ ۾ سحڪار ڪندڙ سماجي تنظيم سگا شاخ ۽ روٽري ڪلب دادو ۽ روٽريڪٽ ڪلب جي اڳواڻن، رفيق احمد سرهيو، عدنان خشڪ، زوهيب احمد سومرو، عبدالرزاق منگي سميت ٻين ڪئمپ ۾ ڀرپور سحڪار پڻ ڪيو جڏهن ته ڪئمپ ۾ ڊيوٽي ڊاڪٽرن چيو ته ٻوڏ جي متاثرين تقريبن 500 جي لڳ ڀڳ مريضن جو چيڪ اپ ڪيو آهي جڏهن ته مريضن ۾ ٻارڙن جو انگ وڏيڪ رهيو.ڪئمپ ۾ يونيسف پاران لڳايل نيوٽريشن ڪارنر تي موجود يونيسيف جي فوڪل پرسن فيروز احمد ميمڻ چيو ته ٻارن کي صحيع غضاء نه ملڻ سبب ٻار ڪنگهي جو شڪار ٿئي ٿو. غضائي کوٽ ۾ مبطلاع ٻارڙن کي ايڪسلريٽيڊ ايڪشن پلان هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شاهد علي شيخ جي تعاون سان ضلعي جي مختلف علائقن ۾ وڃي نيوٽريشن موبائل يونٽ جي ذريعي ٻارڙن کي غضاء ڏني وڃي ٿي ڪئمپ ۾ مفت خدمتون سر انجام ڏيندڙ ميڊيڪل ٽيمن سميت رضاڪارن جي حوصلا افضائي ڪرڻ لاءِ محمد اعظم ميمڻ پاران اجرڪ اوڊائڻ بعد مانجهاندو پڻ ڏنو ويو

بقايا سنڌيار 02

احمد ميمڻ،ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر غلام فاروق وسطڙو، ايگزيڪٽو انجنيئر اسڪارپ نياز حسين راڄپر، اسسٽنٽ انجنيئر احمد خان ڪاڪيپوٽو شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي جي ٻهراڙي وارن علائقن مان برسات جو بيٺل پاڻي ڪيرائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪاميٽي جي گڏجاڻي هر ٽن ڏينهن اندر ٿيندي جنهن ۾ صورتحال جو جائزو ورتو ويندو. ان موقعي تي فيصلو ڪيو ويو ته ڊپٽي ڪمشنر ڪاميٽي جي ميمبرن سان گڏجي 10 ڊسمبر تي ضلعي جي برسات ۽ سيلاب متاثر علائقن جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو وٺندو.

بقايا سنڌيار 03

اسپتال ۾ نديم عباس جي گڙدي جو ڊاڪٽر وسيم سرور پٽي ۽ محمد هارون اعواڻ ربوٽ سرجري ٽرانسپلانٽ ڪيو ۽ نديم عباس جي ڊونر سندس ڀيڻ نائلا به صحيع سلامت آهي نديم عباس ۽ سندس ڀيڻ گمس ڊاريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش پٽي ۽ ڊاڪٽر وسيم سرور پٽي جو شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر وسيم سرور پٽي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان گمس ڊاريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش پٽي صاحب جا ٿورائتا آهيون جن گمبٽ گمس اسپتال ۾ اسان کي ربوٽ مشين گهرائي ڏني ۽اسان 29:10:2022 تي نديم عباس جي گڙدي جو گمبٽ ۾ پهريون ڀيرو ٽرانسپلانٽ ڪيو جيڪو ڪامياب ٿي ويو آهي ۽ ٻيا به انشاالله ڪامياب ٽرانسپلانٽ ڪنداسين نديم عباس ۽ ڊونر سندس ڀيڻ اسان سان گڏ ويٺل آهن نديم عباس جي ڀيڻ نائلا جو چوڻ آهي ته مولا ڊاڪٽر وسيم سرو پٽي ۽ سندن ٽيم کي وڏي ڄمار ڏئي جن منهنجي ڀاءُ جي زندگي بچائي آهي

بقايا سنڌيار 04

روز جو معمول بنيل برساتن بعد روڊ تي وڇايل پٿرن مان واري ۽ پائوڊر نڪري ويو روڊس ڪاتي جي ڪامورن شڪايتن احتجاجن تي ڪوب تحرڪ ن ورتو خبر موجب

ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ننگريجا ڪان نصير فقير جلالاڻي وايا ٻوزدارو ڏا روڊ جو ڪم ٺيڪيدار ۽ ڪامورڪي لاپرواهي سبب تقريبن ٽن سالن کان رولڙي جو شڪار آهي ٺيڪيدار روڊ تي برساتن کان اڳ پٿر وڇائي غائب ٿي ويو آهي برساتن ڪري پٿرن جي مٿان هاريل پائوڊر ۽ واري نڪري وڃن ڪري ۽ لوڊر گاڏين جي گذرڻ ڪري پٿر روڊ تي وکري ويا آهن جنهن ڪري ٽائرن جي مٿان چڙهڻ ڪري پٿر اڏري پرسان گذرندڙ ماڻهن ۽ گاڏين کي وڃي لڳن ٿا جنهن ڪري گاڏين جا شيشا ڀڄڻ سان گڏ ماڻهو پڻ زخمي ٿين ٿا جڏهن ته ڇهن ڪلوميٽرن تائين ڪليل پٿرن مٿان گاڏين جي گذرڻ سبب موٽر سائيڪل ڪرويگن جيپن بسن ٽرڪ ن ۽ ٽرالن جا ٽائر ڦاٽڻ ۽ ڪڏن ڪوبن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ۾ حادثا ٿيڻ روز جو معمول آهن روڊس ڪاتي جي ڪامورن علائقي واسين جي لکت ۾ ڪيل شڪايتن ۽ احتجاجن جو ڪو ب نوٽيس ن ورتو آهي ۽ انهن علائقي واسين کي ٺيڪيدار جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي علائقي واسين وزيراعليٰ سنڌ ۽ روڊس ڪاتي جي صوبائي وزير کان فوري نوٽيس وٺي علائقي واسين جي عذاب مان جان آجي ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 05

جي ويڪسين پڻ ڪئي. ان موقعي تي لائيو اسٽاڪ جي عملي صحافين کي ٻڌايو ته شهرن توڙي ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر خيرپور لائيو اسٽاڪ جي ڊاڪٽر گلبهار ناريجو جي هدايتن تي چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ هي ويڪسين ڪري رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 06

پاران نوجوان جي آزادي لاءِ خانپورمهر ۾ احتجاجي مظاهرو، خبرموجب، خانپورمهر ويجهو ڳوٺ چڪ سيال جي رهواسين ٻن ڀائرن عبدالحڪيم سيال ۽ عباس سيال خانپورمهر پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن ٻڌايو ته مزدوري ڪرڻ لاءِ عمان پهتل اسان جي ڀاءُ ساجد سيال کي پگهار گهرڻ تان احمد بن سيف نالي عرب پاران تشدد ڪيو ويو ۽ ڪيس قيد ڪيو ويو آهي، اسان جو ڀاءُ ساجد سيال عمان ملڪ جي صوحر شهر ۾ عرب وٽ مزدوري ڪندو هو ۽ اتي اٺ چاريندو هو جنهن کي ٽن مهينن تائين پگهار ڏني وئي هُئي، هنن چيو ته پگهار گُهرڻ تاڻ عرب مٿس تشدد ڪري قيد ڪيو ۽ بعد ۾ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن ته اتان جي عدالت اسان جي ڀاءُ مٿان داخل ڪرايل ڪيس خارج ڪيو آهي پر پوءِ به هُو جيل ۾ آهي، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اسان ڀاءُ تقريبن ڏيڍ سال اڳ عمان ملڪ ۾ مزدوري لاءِ ويو هو جيڪو هن وقت اتي جيل ۾ قيد آهي، نوجوان جي ڀائرن وفاقي توڙي سِنڌ حڪومت کان مدد ڪري نوجوان کي آزاد ڪرائي واپس ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 07

داخل ڪيو ويو. پڊعيدن ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪري جوابدار منشيات فروش کي گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار نياز علي سيال جي قبضي مان 220 ساشي گٽڪا هٿ ڪري مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪنڊيارو پوليس ڳجهي اطلاع تي جسم فروشي جي بنياد تي ڪارروائي ڪري عورت سميت 5 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن صدام سرگاڻي، ڪرامت اڄڻ، شوڪت ٻڌ، محمد علي ٻڌ، ثقلين ڪليار ۽ مسمات عنيتا ملاح کي 2 موٽرسائيڪلون، 2 موبائيل فون ۽ نقدي* هٿ ڪري فحاشي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. محرابپور پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار شاهد/شدو جٽ جي قبضي مان 10 ليٽر شراب هٿ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ٺارو شاهه ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار جانو/طفيل جاني اجن جي قبضي مان 300 بوتلون منشيات گٽڪا هٿ ڪري مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف نوشهروفيروز سٽي پوليس ڪارروائي ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي. برآمد ٿيل موٽرسائيڪل

تصديق بعد اصل مالڪ عبداللطيف منگي حوالي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 08

سنڌ بحالي مارچ وارهه پهتو وارهه پهچڻ تي ڪافلي جو شاندار استقبال ڪيو ويو مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ سرتاج احمد چانڊيو، ڪامريڊ غلام مصطفي چانڊيو، جيئي سنڌ محاذ مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ غفار ميرجت، وقار رضا چوليائي، پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ نياز حيدري ۽ وڏي تعداد ۾ وارهه جي سياسي سماجي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪامريڊ سرتاج احمد چانڊيو مارچ کي خطاب ڪندي چيو ته وارهه شهر کي هٽ وٺي ٻوڙايو ويو اسان کي بلوچستان ڪان آيل پاڻي ناهي ٻوڙيو پر گهاڙ مين ڊرين آهي جنهن ۾ غير قانوني رڪاوٽون وجهي وارهه شهر کي هٽ سان ٻوڙايو ويو

بقايا سنڌيار 09

ا جڏهن ته منهنجي طرف ڪان هلايل پوسٽ جو سماجي ورڪر ادي رضيه سهتو معصوم نينگر جي سهائتا لاءِ پهچي ڪري مالي مدد ڪئي جڏهن ته ادي رضيه سهتو پاران نينگر جي والدين وٽ پهچي ڪري مالي مدد ڪئي ۽ مڪمل علاج ڪرائڻ جي يقين ڏياني ڪرائي جڏهن ته نينگر جي امڙ پاران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پنج مهينه گزرڻ باوجود منهنجو معصوم پٽ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ جنگ وڙهي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 10

گهنٽا گهر تائين پراثر انداز ۾ ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ صوبائي توڙيي وفاقي ڪاتن جي عملدارن استاد توڙي شاگردن ۽ صحافين شرڪت ڪئي ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٺياڻي ، سرڪل آفيسر ۽ ٻين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ حرام آهي - هي هڪ ڪينسر آهي جيڪو معاشري کي چٽي رهيو آهي ان ڪري ڪرپشن جي خلاف اهم قدم کنيا وڃن ته جيئن عوام ان ناسورڪان بچي سگهي. ڪرپشن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀني ادارن کي عملي ڪم ڪرڻ گهرجي . تنهن ڪري اسان سڀني کي ڪرپشن کان پاڪ معاشري لاءِ جوڳا اپاءُ وٺڻا پوندا ته جيئن عام ماڻهون کي وڌ کان وڌ ريليف ملي سگهي

بقايا سنڌيار 11

ڪردار ادا ڪندي ڊاڪٽر سيد نثار علي شاه کي مقرر ڪيو جنهن ڪجهه عرصو اڳ ٻنهي گرووپن ۾ ناه ڪرايو اڄ ايم پي اي سيد مراد علي شاه پريس ڪلب جي تيار ٿيل ٽن ڪمرن ۽ هڪ ڪانفرنس هال جو معائنو ڪيو ۽ رهيل ڪم جلد ڪان جلد ڪرائڻ جي صحافين کي خاطري ڪرائي پريس ڪلب جي جنرل باڊي جي اجلاس ۾ سيد مراد علي شاه کي اتفاق راءِ سان تاحيات چيف پيٽرن (سرپرست اعلي) چونڊيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي سيد مراد علي شاه چيو ته نوشهروفيروز پريس ڪلب ، ڪنڊيارو پريس ڪلب کي تيار ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي آهي ۽ پرياستي پريس ڪلب ته منهنجي گهر جي پنهنجي پريس ڪلب آهي ۽ هر مهيني ٻن دڪانن جي مسواڙ پريس ڪلب کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن ننڍا ننڍا خرچ ادا ٿي سگهن ان موقعي تي صحافين راڻا شيرمحمد , محمد سومر ڪيريو , ميرمحمد سهتو , راڻا علي شير , شڪيل سيال , راڻا عبدالستار, نثار لهراڻي , عبدالمجيد ڪيريو , ساجد چنا , راڻا سرور شريف , انور علي , ابراهيم ميمڻ , صدر دين راجپوت, راڻا شاڪر علي , مشتاق علي , غلام رسول چنا , فرحان علي ميمڻ , اڪبر راجپوت, شاهد سهتو, نديم علي منگي , رفيق عمراڻي , راشد علي , غلام عباس سميت ٻين شرڪت ڪئي .

بقايا سنڌيار 12

ڪول فيلڊ ۾ ماني پهرين نه ملڻ جي معمولي ڳالهه تان مزدورن جي ٻن گروپن ۾ جهيڙي دوران ڪين ڇڏرائڻ لاءِ آيل پورهيت 45 ورهين جو شير عالم پٺاڻ پراسرار طور تي فوت ٿي ويو جڏهن ت 2 ڄڻا معمولي زخمي ٿي پيا فوتي جي لاش کي انڊس پوليس تعلقه اسپتال ماٿجهند آڻي پوسٽ مارٽم ڪرايو پوليس موجب فوتي جي جسم تي ظاهري طور زخم جو ڪوبه نشان موجود ناهي جهيڙي ۾ لتن مڪن ٺونشن جو استعمال ٿيو آهي وڌيڪ لاش جي پوسٽ مارٽم رپورٽ مان خبر پوندي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ آئي هئي جڏهن ت فوتي جي لاش کي ڪي

پي ڪي صوبي ڏانهن منتقل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 13

. دڙو ۾ نوازليگ اڳواڻ اقبال سومرو ۽ وارڊ 3.. 4 جي رهواسين پاران منعقد ڪيل آجياڻي. واري تقريب ۾ نوازليگ ڪلچرل ونگ سنڌ جو صدر اڪبر سومرو، ن ليگ حيدرآباد ڊويزن جو نائب صدر غلام رسول بروهي، صوبائي اڳواڻ مخدوم رفيق قريشي، نثار چانڊيو ،اقبال سومرو، علي سومرو سميت شهرين ۽ واپارين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، شهرين بجلي جا ڪوڙ مسئلا رکيا. ان موقعي تي حيسڪو جي بورڊ آف ڊائريڪٽر جي اڳواڻ سردار انور سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نوازليگ حڪومت ملڪ جي عوام جي وڌ کان وڌ خدمت ڪري رهي آهي، ايندڙ حڪومت به نوازليگ جي هوندي، سردار انور سومرو اعلان ڪيو ته جلد دڙو شهر جي ٻين واردن سميت پرياسي جي ڳوٺن ۾ بجلي جون نيون تارون پول ۽ ٽرانسفارمر لڳايا ويندا.

بقايا سنڌيار 14

بوڏدار : سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن اسد علي لاڙڪ : ڊي ايس پي سٽي محمد خان زنئور : اسٽنٽ مختيار ڪار توقير قاضي : ڪاتي جي ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته اڄوڪي ريلي رشوت ۽ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪڍي وئي آهي مختلف ادارن ۾ رشوت وٺندڙ آفيسرن خلاف اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمنٽ هر وقت فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ريلي ۾ شريڪ ڪاتي جي آفيسرن وڌيڪ چيو ته رشوت معاشري لاءِ ناسور جو سبب بڻجي ويو آهي جنهن کي روڪڻ انتهائي ضروري آهي عام ماڻهن سميت ٻين ادارن کي گهرجي ڪرپش جي خاتمي لاءِ اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿين ته جئين ڪرپشن جو خاتمو ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 15

سپاف ضلعي صدر تابش پٽي پريس ڪلب پهچي دعوت نامون ڏنو ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايم پي اي عبدالڪريم سومرو پاران بلڙي شاه ڪريم ۾ 11 ڊسمبر آچر جي ڏينهن يادِ بينظير جلسي جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن . جلسي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو صوبائي صدر نثار احمد کهڙو , وفاقي وزير سيد نويد قمر الزمان شاه , صوبائي وزير سيد سردار شاه ۽ ٻيا اڳواڻ جلسي کي خطاب ڪندي , هنن چيو ته ياد بينظير جلسو تاريخي جلسو هوندو . جيڪو ٽنڊو محمد خان جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏو جلسو هوندو . پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي ، ان موقعي تي اڳواڻن ٽنڊو محمد خان ضلعي سميت سڄي سنڌ کي ياد بينظير جلسي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي .

بقايا سنڌيار 16

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول نئون ديرو نمبر 3 گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول خانواهه گورنمينٽ مڊل هاءِ اسڪول ننڍا موهل ۾ وڏي انگ ۾ داخل مستحق ٻارڙن ۾ گرم ڪپڙا تقسيم ڪيا ان دوران اونر خالد کوري جو چوڻ هيو ته پهرين ڀيرو نئون ديرو ۾ سرتيون سکيا سينٽر جو آغاز ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سلائي ڪڙاهي سميت نياڻين کي فري ۾ تعليم به ڏني ويندي، ان حوالي سان وڌيڪ هن جو چوڻ هيو ته نئون ديرو جا ماڻهو اسان سان تعاون ڪندي پنهنجون نياڻيون جيڪي تعليم کان محروم ۽ هنر سان چاهه رکن ٿيون انهن کي اسان جي سينٽر ۾ داخل ڪرايو وڃي چو جو اسان جي سينٽر ۾ هنر جي سکيا سان گڏ ڪمپيوٽر تعليم به فري ۾ ڏني ويندي جئين نياڻيون آن لائن ذريعي گهر ويٺي پنهنجي هنر ۽ تعليم مان ناڻو ڪمائي گهر وارن جو سهارو بڻجي سگهن اسان جو سينٽر مڪمل طور سڪيور آهي جيڪو مڪمل طور سيڪيورٽي ڪيمرائون سان به ليز آهي جنهن ۾ هر طرف ڪان اسان پاڻ سينٽر کي ڪنٽرول ڪنداسين...ٻئي پاسي پ ت الف تعلقه رتوديرو جي صدر اعجاز احمد سيال سينيئر استاد بيتاب سولنگي، غلام علي پٽو پرائمري استاد فياض حسين ابڙو،عزيز الله ڪٽپر، ۽ ٻين اسڪول جي استادن سماجي تنظيمن پاران مستحق ٻارن کي گرم ڪپڙا ڏيڻ تي سماجي اڳواڻن جي ان عمل جي ساراهه ڪئي،

بقايا سنڌيار 17

ٿاڻو ڪنڊڪوٽ جي حد اندر گلشير محله ۾ سنگاوتي تڪرار سبب شيخ برادري جو هڪ ٻئي کي لٺين ۽ سروٽن سان جهيڙو

جهيڙي جي نتيجي ۾ نوجوان نثار احمد شيخ قتل، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان کي سول اسپتال پهچائي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 18

روڊ تان گذرن ٿيون. جنهن ڪري نه صرف ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊ بلاڪ رهي ٿو، بلڪه حادثا به ٿين ٿا پر فاران شوگر مل انتظاميه ڪمند سان ڀريل گاڏين جي رواني کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن نه ئي شيخ پرڪيو پوليس ڪو تحرڪ ورتو آهي. گاڏين جي ڀرمار سبب بيمار ماڻهن کي اسپتال پهچائڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچن ٿيون. جڏهن ته ايمبولينسون پڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڦاٿل رهن ٿيون. ان سلسلي ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي سينئر اڳواڻ ۽ نامياري قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري چيو آهي ته ڪمند سان ڀريل ٽرالين ۽ ٽرڪن جي روڊ تي ڀرمار هجڻ سبب حادثن جو خدشو وڌي ويو آهي. فاران شوگر مل انتظاميه سالن کان روڊن جي مرمت ناهي ڪرائي، ويلفيئر فنڊ الائي ڪٿي خرچ ڪيو پيو وڃي، مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا در بند ڪيا ويا آهن. فاران شوگر مل انتظاميه جي اهڙي عوام دشمن قدمن ۽ شيخ پرڪيو پوليس خلاف عدالت ۾ آئيني پٽيشن داخل ڪئي ويندي، روڊ تي ڪوبه اٽوٽندڙ حادثو پيش آيو ته ان جا ذميوار فاران شوگر مل انتظاميه ۽ شيخ پرڪيو ٿاڻي جو ايس ايچ او هوندو.

بقايا سنڌيار 19

عبدالهادي نهڙي , اعجاز علي محمد منظور مولائي، محمد رمضان، سجاول، محمد الياس، گوتم، محمد شعيب، محمد حارث، اشوڪ ڪمار ۽ الهورايو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي، سنڌ جي ثقافت تي روشني وڌي شاگردن ثقافت جي حوالي سان تقريرون، قومي گيت ۽ مختلف ٽيبلوز پيش ڪري، خوب داد حاصل ڪيو. مقابلي ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۾ انعام پڻ تقسيم ڪيا ويا. ثقافتي ڏهاڙي تي هيڊ ماستر نارائڻ داس ميگهواڙ محنتي ۽ مستحق شاگردن کي ڊريس ۽ شوز جا تحفا پيش ڪيا آخر ۾ سنڌي لوڪ گيت هوجمالو تي استادن ۽ شاگردن پاران جهمريون هنيون ويون

بقايا سنڌيار 20

پير عبدالقادر شاه جيلاني جي زوجه ايم اين اي پير سيد فضل علي شاه , پير سيد مهر علي شاه جيلاني , ايم پي اي پير سيد احمد رضا شاه جيلاني المعروف پيار سائين , پير سيد احمد نواز شاه المعروف جگنو سائين پير سيد منو سائين جي والده جي وڇوڙي بعد تعذيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته سنڌ جون ناليوارن شخصيتن. جي ڊي اي اڳواڻ پير سيد معشوق علي شاهه. سردار فياض حسين خان لنڊ , سهيل انور سيال ۽ ٻين جيلاني هائوس پهچي پير آف رانيپور ايم اين اي پير سيد فضل علي شاه جيلاني , اوقاف کاتي جي صوبائي وزير پيرسيد احمد رضا شاه جيلاني المعروف پيار سائين پير احمد نواز شاه جيلاني منو سائين سان والده جي فوت ٿيڻ تي تتذيت ڪندي ڏک جو اظهار ڪيوان موقعي تي هنن سٽي پريس ڪلب جي صحافين سان گفتگو ڪندي چيو ته والده هڪ عظيم سايو آهي , پر رب پاڪ جي جيڪا مرضي ۾ راضي رهڻو آهي , رب پاڪ سائين جن کي صبر جميل عطا فرمائي . جڏهن ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سوين سياسي سماجي صحاين جي اچڻ جو سلسلو جاري هو , جڏهن ته پريس ڪلب جي سموري سٽ تڏي تي پهچي تعذيت ڪئي

بقايا سنڌيار 21

سرڪل آفيسر منور علي پناڻ خبر موجب: اينٽي ڪرپشن ڊي ٽي سرڪل آفيس شڪارپور کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ اسڪولن جي شاگردن , صحت , روينيو, سوشل ويلفيئر ۽ ٻين کاتن جي ملازمن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ريلي سان خطاب ڪندي اينٽي ڪرپشن سرڪل آفيسر منور علي پناڻ چيو ته اڄ ڪرپشن خلاف ريلي ڪڍڻ جو مقصد عوام ۾ ڪرپشن خلاف سجاڳي لاءِ ريلي ڪڍي وئي آهي. هن چيو ته شڪارپور جا ماڻهو ڪرپشن جي شڪايت ڪن . ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪنداسين. ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور سجاد حيدر قادري چيو ته اڄ ڪرپشن خلاف سجاڳي جو ڏينهن آهي , اسان سڀني کي ڪرپشن خلاف جهاد ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته عوام

ڪرپشن جي نشاندهي ڪري ته جيئن ڪرپشن جو خاتمو ڪري سگهجي. ريلي ۾ اينٽي ڪرپشن عملدار اياز ڀهراڻي، ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

اصغر جتوئي، ديه ستار ڏنو مگريو جي تپيدار نارو خان پهوڙ، سنڌ بئنڪ نوشهرو فيروز برانچ جي مئنيجر مختيار چانڊيي ۽ بئنڪ جي ٻين عملدارن عطا حسين سهتو ۽ ذيشان لاڙڪ جا به سمورا بئنڪ اڪائونٽ بند ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ميگا ڪرپشن ڪيس جي جاچ ڪندڙ ايف آءِ اي شهيد بينظير آباد جي جاچ آفيسر ملڪ جي سمورين بئنڪن کي ليٽر اماڻي ڇڏيو آهي. ليٽر ۾ بئنڪ اڪائونٽن ۾ پيل رقم ۽ ٽرانزيڪشن بابت آگاهه ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي. جڏهن ته بئنڪن کان ڄاڻايل ماڻهن جي لاڪرز جا تفصيل طلب ڪيا ويا آهن ۽ سمورو رڪارڊ ارجنٽ بنياد تي طلب ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ميگا ڪرپشن اسڪينڊل جي اينٽي ڪرپشن نوشهرو فيروز ۽ نيب سکر پاران به جاچ هلندڙ آهي ۽ وقفي سان ڪاتيدارن کي گهرائي انهن جا بيان قلمبند ڪيا پيا وڃن.

بقايا سنڌيار 23

لاءِ برسات جي گندي پاڻي مان مقام ڏي ڪٽي وڃي رهيا آهن ڳوٺ در محمد ڄامڙو جي رهواسين جو چوڻ آهي ته اسان ڏي هن مهل تائين چگن مٺ مان کيرلڙي به ناهي آيو برسات بند ٿيڻ کي چار مهينا گذري ويا آهن پر اسان جي ڳوٺ مان اڃان برسات جو پاڻي نيڪال نٿو ڪيو وڃي ۽ وارڊ ون جو پاڻي نيڪال ڪرائڻ جي لاءِ سرڪار پاران ٺيڪيدار هڪ ٺيڪيدار به مقرر ڪيو ويو آهي پر خبر ناهي ته اهو ٺيڪيدار الائي ڪاڏي گم ٿي ويو آهي رهواسين جو وڌيڪ چوڻ آهي ٺيڪيدار ۽ هتان جي چونڊيل نمائيندن ملي ڀگت ڪري ڪوڙي ڪاگزي ڪاروائي ڏيکاري ڊيزل جا ڊرم هڙپ ڪري ڇڏيا هنن ڊي سي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسان جي ڳوٺ در محمد ڄامڙو مان جلد برسات جو گندو پاڻي نيڪال ڪرائين ته اسان جا رستا ڪليئر ٿين ته جيئن اسان سکون سان پنهنجي گهرن ڏانهن اچي وڃي سگهو

بقايا سنڌيار 24

وڌيڪ راشن بيگ ۽ ٽينٽ ڏنا ويا لعل محمد اوڊو ڀهائي خان لاشاري اظهر شاه لعل محمد ملغاڻي سميت ٻين ڳوٺن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ راشن بيگ تقسيم ڪيا ويا عارف لاڪاني ٻڌايو ته اسان کي گهرجي ته غريب مسڪينن ۽ متاثرن جي مدد ڪيو انسان ذات جي خدمت ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي اسين سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب ۾ رليف ڏيو پيا عارف لاڪاني وڌيڪ چيو ته ضرورت مند متاثرن کي پڻ گهر به تعمير ڪري ڏيندا سين

بقايا سنڌيار 25

ميمڻ ۽ وقار عباسي جي سرپرستي هيٺ سنڌي ثقافتي رنگن سان ڀرپور هڪ دلڪش تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرياڻين عباس سومرو، حسيب فياض ميمڻ، شاويز سومرو، سبحان عزيز ميمڻ، شاداب امتياز ميمڻ، سنڌو لاڪائي، حاجي سومار ميمڻ، خوشي لاڪائي، ارج ابراهيم ميمڻ، محمد مصطفي ابراهيم، شهاب امتياز، زينت اختر عيساڻي سميت ٻين ثقافتي ڪپڙا پهري قومي گيتن تي رقص ڪيو، مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. جڏهن ته ٻارن تقريري مقابلا ڪري قومي هيروز کي ڀيٽا پيش ڪئي. ان کان اڳ سر ابراهيم ميمڻ ۽ سر وقار عباسي جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي ثقافتي ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،

بقايا سنڌيار 26

جهيڙي کي سياسي رنگ ڏيي رهيا آهن انصاف ڪيو وڃي / متاثر خبر موجب : اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ جيئندو درس واسين هدايت الله درس بادل درس عرس درس رحمت الله درس عدل درس عنايت ديس عزيز درس ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاج ڪندي ڏاتهيو آهي ته سندس برادري جي در محمد درس پاڙو جي رهواسين در محمد ۽ ذوالفقار درس وارن جو جبڪو ڪمپني کي گوشت ڏيڻ جو ٺيڪو مليل آهي هنن هفتو اڳ اسان جا 2 ٻڪرا چوري ڪري ويا جيڪي انهن اقرار ڪيو ته هڪ ٻڪر اسان ذبح ڪري گوشت ڪمپنيءَ کي ڏيي ڇڏيو آهي هڪ ٻڪر اسان کي واپس موٽايو جڏهن ته اسان جي ڏنار پاران اسان کي اطلاع ڏيڻ تي هو مٿس ڏمرجي پيا ۽ ڏنار تي تشدد ڪيو جنهن

تي اسان جو جهيڙو ٿيو هو هاڻي پنهنجي چوري لڪائڻ جي لاءِ هو ڊراما ڪري رهيا آهن انهن چيو ته ڄاڻايل ماڻهو بااثر هجڻ ڪري ٿرڪول مان وڏي عرصي کان ٽامون پيٽرول ڊيزل ۽ قيمتي اسڪريپ چوري ڪندا رهيا آهن خود ڪمپني پڻ انهن مٿان چوريءَ جو ڪيس داخل ڪرايو هو ۽ هي ٿرڪول جي اندر آفيم چرس سميت منشيات وڪرو ڪن ٿا ۽ ڳوٺ ۾ انهن جا پڻ منشيات جا اڏا آهن انهن چيو ته ڪمپني کي ان معاملي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ته هاءِ پروفايل بٽيل مقتول دودو ڀيل مٿان چوريءَ جي ڪيس ۾ هي ماڻهو ملوث آهن انهن جو چوريءَ جي ڪيس ۾ نالو آهي ته پوءِ ڪمپني کهڙي بنياد تي ٺيهر ٺيڪو ڏنو آهي انهن چيو ته ڪمپني اهڙن ماڻهن کي بليڪ لسٽ ڪري ڇاڪاڻ ته هي جڏهن به قاسجن ٿا ڪنهن مسڪين کي قرباني جو ٻڪرو بنائين ٿا انهن چيو ته جيين انهن کي گوشت جو ٺيڪو مليو آهي اسان جو مال محفوظ ناهي اهڙي درخواست اسان حد جي پوليس اسٽيشن تي پڻ ڏني آهي انهن چيو ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرايي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 27

رانا محسن امتياز : ڊي ايس پي گهوٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ :پرنسيپال ڊگري ڪاليج گهوٽڪي عبدالقادر چاچڙ : آغا بلاول پٺاڻ : ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري پي پي عبدالمجيد لاڪو: اي ايس آءِ گل حسن ميمڻ : ايس آءِ پي مصري خان : حافظ نور محمد انيڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي مقررن جو چوڻ هوت ڪو ب هڪ ادارو ڪرپشن کي ختم ن ٿو ڪري سگهي جيستري تائين عوام جو سهڪار ن هوندو ان لاءِ توهان اسان گڏيل ڪوشش ڪنداسين ت ڪرپشن جو خاتمو ڪري سگهنداسين ۽ عوام کي گهرجي ت ڪنهن ب اداري ۾ اگر ڪو سرڪاري ملازم ڪنهن کان رشوت طلب ڪري ت هو فورن اينٽي ڪرپشن سان رجوع ڪن انهن جي شڪايت جو ازالو ڪيو ويندو رشوت هڪ ناسور آهي جنهن کي جڙ کان ختم ٿيڻ گهرجي ان لاءِ سڀن جو سهڪار لازمي آ تڏهن ئي سٺا نتيجا ملي سگهندا 0

بقايا سنڌيار 28

استادن پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول واهي پانڌي جي استادن جام خان رستماڻي محمد رمضان ڪوسو علي اڪبر ڪوسو انور جمالي ماجد ساهڙ ۽ ٻين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو مانيٽرنگ اسسٽنٽ نديم سومرو اسڪول ۾ بائيوميٽرڪ لاءِ آيو استادن کان مبينا رشوت طلب ڪئي ڪلاس ۾ ويٺل استادن کي غير حاضر ڄاڻايو رشوت جي ڊماند پوري نه ٿيڻ تي بائيوميٽرڪ ڪرڻ کان انڪار ڪندي بائيوميٽرڪ ۾ اسڪول بند ڏيکارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون استادن ۽ اسڪول انچارج سان بدتميزي پڻ ڪئي مانيٽرنگ اسسٽنٽ کي ڪو اختيار ناهي ته اسڪول انچارج کي ڌمڪائي جائز موڪلون منظور ڪرڻ کان روڪي ۽ پڇاڻو ڪري رشوت طلب ڪندي ۽ استادن سان بدتميزي ڪندڙ مانيٽرنگ اسسٽنٽ نديم سومرو کي فورن هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو گسٽا اڳواڻ علي رضا گاڏهي جو چوڻ هو ته بائيوميٽرڪ بائيوميٽرڪ اسسٽنٽ نديم سومرو پاڻ حيدرآباد ۾ رهندو آهي هفتي ۾ هڪ ڀيرو اچي استادن جي بائيوميٽرڪ جي بهاني رشوت طلب ڪندو آهي ٽي اي او ايجوڪيشن حبيب الله سومرو مطابق پهريان ان جي بائيوميٽرڪ ٿيڻ گهرجي اسسٽنٽ نديم سومرو ليڊي ٽيچر سان به بدتميزي ڪري ٿو اهڙي شڪايت ملي آهي اسڪولن کي بنا جواز بند ڏيکاري استادن کي غير حاضر ڄاڻائي ٿو اسان اسڪول وزٽ ڪيون ٿا ته اسڪول اهي ڪليل ملن ٿا بائيوميٽرڪ اسسٽنٽ نديم سومرو خلاف اختيارن کي لکيو ويندو سندن خلاف ڊپارٽمينٽلي ڪاروائي پڻ ڪرائي ويندي

بقايا سنڌيار 29

جو خوف ختم ڪري رهيا آهن، هن چيو ته پاڪستان جي حڪمرانن هٿ وٺي ملڪ کي آمريڪي ڪالوني بڻائي ڇڏيو آهي جن گذريل ستر سالن کان ملڪ کي ڦريو ۽ لٽيو آهي، هن چيو ته دنيا جي اسرندڙ ملڪن ۾ سرمائيدارن پنهنجا ڦورو طبقا

مقرر ڪري هٽرادو مهنگائي آڻي پورهيت عوام جي ڦرلٽ ڪئي وئي آهي جنهن سان عوام ۾ ڦورو ۽ حڪمران طبقن خلاف غصو ۽ ڪاوڙ وڌي رهيو آهي جنهنڪري ملڪي ۽ عالمي حالتون هن وقت عوام جي فائدي ۾ ٿي رهيون آهن جيڪا ڳالهه ليفٽ جي سياست ڪندڙ ڌرين لاءِ خوش آئيند ڳالهه آهي، اسان کي پنهنجون صفون مضبوط ڪري پورهيت سياست کي هٿي وٺائڻ کپي ۽ عوام سان ويجها لاڳاپا جوڙڻ گهرجن. ليڪچر ۾ عوامي تحريڪ، هاري تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مانڪ ٽالپر، مهراڻ درس، فاضل زئور، ستو ڪولهي، اياز هاليپوٽو، محبت هاليپوٽو، رشيد هاليپوٽو، زرقا هاليپوٽو، مروبت هاليپوٽو، بيگم زئور، امر جليل هاليپوٽو، صادق هاليپوٽو، سرواڻ هاليپوٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

وساري ڇڏيو داس ڇهرن تي مرڪ موٽي آئي هڪ ٻئي کي ثقافتي عيد جون مبارڪون ۽ آٽت خبر موجب ٽالپروڏا شهر ۾ پنجين ڏينهن ب ايڪتا عيد جا جلوا تجلا ڏيندا رهيا هاءِ اسڪول ٽالپر وڏا جي استادن ۽ شاگردن پاران سنڌي ثقافت ٽوپيون ۽ اجرڪون پائي ٽالپروڏا شهر ۾ تعليم ۽ ثقافت بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر منير احمد شر استاد غلام عابد ڦل هادي بخش اشفاق حسين قاضي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ استادن ۽ شاگردن مٿان شهرين گل نڇاور ڪيا ريلي بعد هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن تعليمي ۽ ثقافتي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري تعليم ۽ ثقافت جي اهميت ظاهر ڪئي شاگردن قومي گيتن تي جهمريون هڻي برسات ۽ سيلابي پاڻي سبب متاثر ۽ بي گهر ٿيل شهرين استادن ۽ شاگردن جي مرجهايل ڇهرن تي مرڪ آڻي ڇڏي.

بقايا سنڌيار 31

ٽيچر نعمان ميمڻ، امجد علي ميمڻ، مير حسن انڙ، فياض قريشي، ممتاز ڏنگراچ، مظهر ميمڻ، اعجاز لاشاري ۽ شاگردن اسد الله، صمد تنيو، حسنين، عدنان ڪوکر، اسد شاهه، فهد سولنگي، عرفان لانگاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ امن ۽ محبت جي ڌرتي آهي جنهن ۾ ايڪتا ڏهاڙي کان وٺي هن مهل تائين وڏي جوش ۽ جذبي سان خوشيون ملهائجي رهيون آهن اڄ استادن شاگردن گڏجي ان خوشي ۾ حصو ورتو آهي ۽ دعا آهي ته اسان جي ڌرتي شاد و آباد رهي. آخر ۾ "هوجمالي" تي تقريب جو اختتام ٿيو.

بقايا سنڌيار 32

فوت ٿي ويو فوتي جو اطلاع ملڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايچ او دريا خان مري دريا خان مري نبي بخش جلباڻي پوليس پارٽي سان گڏ ڪاروائي ڪري جوابدار عبدالرحيم خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو ٻڌايو پيو وڃي ته گهرو اڻبت تان هيءُ واقعو پيش آيو.

بقايا سنڌيار 33

۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن ڀرپور نموني سان حصو ورتو ٻارڙن قومي گيتن تي رقص ۽ مختلف ٽيبلوز پيش ڪري داد وصول ڪيو ان موقعي تي ايچ آئي بي اڪيڊمي جي باني سر آصف ديدار ڪوڪر چيو ته سنڌ ۾ ٽيلنٽ جي کوٽ ناهي پران کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي تعليم سان گڏوگڏ پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سان هم آهنگي ضروري آهي.

بقايا سنڌيار 34

تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پورو سال ڪرپشن جي خلاف هجڻ گهرجي، هن چيو ته ڪرپشن اسان جي معاشري ۽ نظام کي اڌوهي جيان ڪائي رهي آهي جنهن جي خاتمي لاءِ اسان سيني کي اڳتي اچڻو پوندو هن چيو ت ڪرپشن کي برداشت ن ڪيو ويندو ۽ جتي ب ڪرپشن نظران کي ختم ڪيو ويندو ۽ ڪرپشن ڪرڻ وارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، منهنجي اها ڪوشش آهي ت سڀئي ڪاتا ايمانداري سان ڪم ڪن ۽ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ڪم ڪن، صرف اڄ جو ڏينهن ڪرپشن جي خلاف ن پر پورو سال ڪرپشن جي خلاف هجڻ گهرجي، ريلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين، ڊي او ايجوڪيشن محمد اسلم راڄپر، سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن محمد زمان اعواڻ ۽ ٻين ب خطاب ڪيو.